REG NO. 3833
ABC Certified
ايڊيٽر: اعجاز مهر
روزاني
سنڌيار
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) اڱارو 16 جنوري 2024ع بمطابق 04 رجب المرجب 1445ھ (قيمت 05 روپيا) شمارو 231

پي ٽي آءِ ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ تي اليڪشن ڪميشن خلاف توهينِ عدالت جي درخواست واپس وٺي ڇڏي

اليڪشن ڪميشن خلاف توهينِ عدالت جي درخواست واپس وٺي رهيا آهيون. جمهوريت جي بقا لاءِ عوام جي عدالت ۾ وڃڻ پسند ڪنداسين. مونکي هدايتون مليون آهن ته درخواست واپس ورتي وڃي: لطيف کوسا

اوهان حڪم ڏئي سگهون ٿا، اسان اوهان جي عدالت ۾ هي ڪيس نٿا وڙهڻ چاهيون. اوهان تي پي ٽي آءِ جي فيلڊ ئي کسي ورتي، اليڪشن ڪميشن رڳو چونڊ نشان واپس وٺي سگهي ٿو

هڪ پارٽي کي پارليمان مان ٻاهر ڪري پابندي لڳائي پئي وڃي، پي ٽي آءِ جا سڀ اميدوار آزاد حيثيت ۾ چونڊ وڙهندا ۽ مونجهاري جو شڪار ٿيندا

ڇا اوهان کي لڳي ٿو ته چونڊون شفاف نه آهن؟ (جسٽس مسرت هلالي) چونڊون بلڪل غير منصفاڻيون آهن. اسان عدالتا لاءِ رت ڏنو، قربانيون ڏنيون: لطيف کوسا جو جواب

اوهان (عدالت) جي 13 جنوري واري فيصلي سان اسان جون 230 کان وڌيڪ سيٽون کسجي ويون (لطيف کوسا) اسان جو فيصلو مڃيو يا نه مڃيو اوهان جي مرضي: چيف جسٽس

سپريم ڪورٽ پي ٽي آءِ طرفان ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ تي اليڪشن ڪميشن خلاف توهينِ عدالت جي درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي اڪلائي ڇڏي

اسلام آباد (م ر د) سپريم ڪورٽ، پاڪستان تحريڪ انصاف طرفان ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ واري معاملي تي اليڪشن ڪميشن خلاف توهين عدالت جي درخواستون واپس وٺڻ جي بنياد تي اڪلائي ڇڏي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بئنچ پي ٽي آءِ جي اليڪشن ڪميشن خلاف توهينِ عدالت جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران پي ٽي آءِ جي وڪيل لطيف کوسي چيو ته هو اليڪشن ڪميشن خلاف توهينِ عدالت جي درخواست واپس وٺي رهيا آهن. جمهوريت جي بقا لاءِ عوام جي عدالت ۾ وڃڻ پسند ڪنداسين. لطيف کوسي چيو ته مونکي هدايتون مليون آهن ته درخواست واپس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

اليڪشن ڪميشن سينيٽ ٺهراءَ تي چونڊون ملتوي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

اليڪشن ڪميشن ملڪ ۾ 8 فيبروري تي رٿيل عام چونڊن ملتوي ڪرائڻ بابت سينيٽ جي منظور ٿيل ٺهراءَ تي سينيٽ سيڪريٽريٽ کي خط لکي ڇڏيو

اوهان جي ٺهراءَ جو جائزو ورتو. اليڪشن ڪميشن صدر جي صلاح مشوري سان 8 فيبروري تي پولنگ جي تاريخ جو اعلان ڪيو: اليڪشن ڪميشن

امن امان جي صورتحال يقيني بڻائڻ لاءِ نگران حڪومتن کي هدايتون جاري ڪيون آهن، سپريم ڪورٽ ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ته 8 فيبروري تي عام چونڊون ڪرائينداسين

ماضي ۾ عام چونڊون ۽ مقامي حڪومتن جي چونڊون سياري جي موسم ۾ ٿينديون رهيون آهن. تنهنڪري هن مرحلي تي اليڪشن ملتوي ڪرڻ مناسب مشورو ناهي

5 جنوري تي سينيٽر دلاور خان سڀ کان پهرين عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو ٺهراءُ سينيٽ ۾ پيش ڪيو هو جنهن کي ايوان اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو

قرارداد جي منظوري وقت سينيٽ ۾ 14 سينيٽرز موجود هئا. ان کانسواءِ ڦاٽا سان واسطو رکندڙ آزاد سينيٽر هلال الرحمان به اڄ فيبروريءَ تي شيڊيولڊ چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ هڪ ٻيو ٺهراءُ سينيٽ جمع ڪرايو ويو هو

اسلام آباد (م ر د) اليڪشن ڪميشن سينيٽ جي ٺهراءَ تي عام چونڊون ملتوي ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن ملڪ ۾ 8 فيبروري تي رٿيل عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ بابت سينيٽ جي منظور ٿيل ٺهراءَ تي سينيٽ سيڪريٽريٽ کي خط لکي ڇڏيو. اليڪشن ڪميشن خط ۾ چيو آهي ته اوهان جي ٺهراءَ جو جائزو ورتو. اليڪشن ڪميشن صدر جي صلاح /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

نواز شريف تي ظلم ڪندڙن کان قدرت جو نظام انتقام وٺي رهيو آهي: مريم نواز

نواز شريف نه پر قدرت جو نظام ظالمن کان انتقام وٺي رهيو آهي، قدرت پاڻمرادو نوٽيس ورتو آهي: جلسي کي خطاب

پي ٽي آءِ جو چونڊ نشان بيٽ نه پر اهو ڏنڊو هو جيڪو هنن هٿ ۾ پڪڙي غريب عوام تي وسايو، ان ئي ڏنڊي سان فوجي ٿاڪن تي حملا ڪيا ويا

ظالم کي اڄ منهن لڪائڻو پئجي رهيو آهي، ڪڏهن پلستر چاڙهائي ڪڏهن ويل چيئر تي ويهي ڊراما ڪندو آهي

اوڪاڙهه: مسلم ليگ ن جي اڳواڻ مريم نواز جلسي کي خطاب ڪندي

اوڪاڙا (م ر د) پاڪستان مسلم ليگ ن جي سينيئر نائب صدر ۽ چيف آرگنائيزر مريم نواز چيو آهي ته نواز شريف تي ظلم ڪندڙ هڪ هڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

9مئي سانحي جي حوالي سان نوان ثبوت منظر عام تي اچي ويا

ڪراچي (م ر د) 9 مئي سانحي جي حوالي سان نوان ثبوت منظر عام تي اچي ويا آهن. روپو راحت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

عمران خان (فائيل فوٽو)

عدالت پاران ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ جي معاملي تي ڌرين کي نوٽيس جاري

ٻنهي تي جا اعتراض لڳايو ويو آهي، جا ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا کي ڊفالٽر ظاهر ڪيو ويو آهي: چيف جسٽس

ٻنهي ڪو ذاتي نالي تي قرض ناهي ورتو، مرزا اينڊ ڪمپني شگر ملز جي نالي تي قرض ورتو ويو هو: وڪيل

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي ڊي اي اميدوار ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ جي معاملي تي اليڪشن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

نوَمئي سانحو: پي ٽي آءِ باني پاران سمورن ڪيسن ۾ ضمانت جون درخواستون داخل

داخل ڪيل درخواستن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي نوَمئي وارن واقعن دوران عمران خان گرفتار هو ۽ ڪنهن مظاهري ۾ موجود نه هيو

پي ٽي آءِ باني کي سياسي انتقام طور ڦاسايو ويو، اڳوڻو وزيراعظم سمورن ڪيسن ۾ جسماني ريمانڊ پوري چڪو ۽ 5 مهينن کان جيل ۾ آهي: درخواست ۾ موقف

دهشتگردي ٽوڙ عدالت 17 جنوري تي تمام ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪندي لاڳاپيل ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

اسلام آباد (م ر د) نوَمئي سانحي واري ڪيس ۾ پي ٽي آءِ باني ۽ اڳوڻي وزيراعظم عمران خان سمورن 12 ڪيسن ۾ ضمانت جون درخواستون داخل ڪرائي ڇڏيون دهشتگردي ٽوڙ عدالت جي جج اعجاز آصف درخواستون ٻڌڻي لاءِ منظور ڪري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

لاهور: نواز شريف ۽ شهباز شريف ڊاڪٽر عبدالمالڪ سان ملاقات ڪري رهيا آهن

عدالت پاران بلديا ٽائون جي پارڪ ۾ ڪمرشل سرگرمين جي معاملي تي ڪي ايم سي سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري

بلدياٽائون سيڪٽر فور ڊي ميمڻ سوسائٽي ۾ پارڪ ۾ تجارتي سرگرميون جاري آهن: درخواستگذار

قانون مطابق رفاعي پلاٽ تي تجارتي سرگرميون نٿيون ٿي سگهن

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ بلديا ٽائون جي پارڪ ۾ سرڪس ۽ ڪمرشل سرگرمين جي معاملي تي ڪي ايم سي سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي وڌيڪ ٻڌڻي 16 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي. درخواستگذار موقف ڏيندي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

گرفتار ٿيس ته جيل مان چونڊون وڙهندس، 8 فيبروري تي اڪثريت سان کٽيندس: شيخ رشيد

مون پنهنجي خلاف ٿيندڙ ڪيسز تي ڪنهن کي به ڪجهه ناهي چيو، معاملو الله تي ڇڏي ڏنو آهي

چلو به ڪاٽيو ۽ قرباني به ڏني پر ڪا به پريس ڪانفرنس نه ڪئي. گرفتار ٿيس ته مان ۽ راشد شفيق ٻئي جيل مان چونڊن ۾ حصو وٺنداسين

سموري قوم کي چوڻ چاهيان ٿو ته جيڪڏهن اڄ مون کي پوليس گرفتار ڪيو ته جيل مان چونڊون وڙهندس اسان پنڊي جي پڳ تي داغ لڳڻ نه ڏنو هاڻ ووٽ ڏيڻ اوهان جو ڪم آهي

ڪراچي: گورنر ڪامران ٽسوري برينڊنگ تقريب کي خطاب ڪندي

راولپنڊي (م ر د) عوامي مسلم ليگ جي سربراهه شيخ رشيد احمد چيو آهي ته گرفتار ٿيس ته مان ۽ منهنجو ڀائيٽيو راشد شفيق ٻئي جيل مان چونڊون وڙهنداسين. دهشتگردي جي انت واري عدالت ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي شيخ رشيد چيو ته مون پنهنجي خلاف ٿيندڙ ڪيسز تي ڪنهن کي به ڪجهه ناهي چيو. معاملو الله تي ڇڏي ڏنو آهي. هڪ سوال جي جواب ۾ شيخ رشيد چيو ته چلو به ڪاٽيو ۽ قرباني به ڏني پر ڪا به پريس ڪانفرنس نه ڪئي. گرفتار ٿيس ته مان ۽ راشد شفيق ٻئي جيل مان چونڊن ۾ حصو وٺنداسين. سموري قوم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

سنڌ هاءِ ڪورٽ مسلم ليگ ن جي 2 صوبائي اسيمبلي ميمبرن جون درخواستون رد ڪري ڇڏيون

مسلم ليگ جي اميدوار سڪينا انور جي اليڪشن ٽربيونل جي فيصلي جي خلاف آئيني درخواست رد ڪري ڇڏي

مسلم ليگ ن جي پي ايس 27 جي اميدوار حاجي امين مانا جي اليڪشن ٽربيونل جي فيصلي جي خلاف درخواست رد ڪري ڇڏي

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ مسلم ليگ ن جي 2 صوبائي اميدوارن جون آئيني درخواستون رد ڪري ڇڏيون. مسلم ليگ پي ايس 116 جي اميدوار سڪينا انور جي اليڪشن ٽربيونل جي فيصلي جي خلاف آئيني درخواست رد ڪري ڇڏي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

مسلم ليگ(ن) جي دٻاءُ تي اسان جي اميدوارن کي تير جو نشان نه پيو ڏنو وڃي: بلاول ڀٽو

پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي جنهن تي عوام جو ڀروسو آهي. اسان کي ويجهڙ ۾ چونڊون ٿيندي نظر اچي رهيون آهن

پيپلزپارٽي جي چونڊ مهم ڪافي وقت کان جاري آهي. پيپلزپارٽي واحد پارٽي آهي جنهن کي عوام جو ڀروسو حاصل آهي

شهدادڪوٽ/ لاڙڪاڻو/ ميروخان (نمائندن وٽان) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري چيو آهي ته مسلم ليگ(ن) جي دٻاءُ تي اسان جي اميدوارن کي تير جو نشان نه پيو ڏنو وڃي. رپورٽ موجب قمبرشهدادڪوٽ ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

شهدادڪوٽ: بلاول ڀٽو زرداري ميڊيا سان ڳالهائيندي

هن وقت اليڪشن ۾ مقابلو، لاڏلا ون ۽ ٽو جي وچ ۾ آهي: شرجيل انعام ميمڻ

ڪراچي (م ر د) پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته نواز شريف بدلي جي باهه ۾ پڄري رهيو آهي. دشمنيون نڀائيندڙ آهن ته غريب ماڻهن جو ڇا ٿيندو. سنڌ ۽ بلوچستان مان مسلم ليگ ن جو وجود ئي ختم ٿي چڪو آهي، ماڻهن کي مسلم ليگ ن جو پاليسيون پسند نه آهن. دنيا کي خبر آهي ته بينظير /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

بشريٰ بي بي عدت دوران نڪاح ڪيس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو

ايڊيشنل سيشن جج ايسٽ جو 11 جنوري جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي، بشريٰ بي بي ۽ سندس قانوني مڙس جي خلاف درخواست بدنيتي تي ٻڌل آهي

عدت دوران نڪاح ڪيس کي رد ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي ۽ هن درخواست جي ٻڌڻي هيٺ رهڻ تائين ٽرائيل ڪورٽ جي ڪارروائي کي به روڪيو وڃي

اڳوڻي مڙس خاور مانيڪا بدنيتي جي تحت شڪايت داخل ڪئي، ڪوڙي ۽ هٿ ٺوڪئي دستاويزن جي آڌار تي عدت ۾ نڪاح جو ڪوڙو الزام لڳايو ويو

حيدرآباد: سنڌ هاري ڪاميٽي جي اڳواڻ ڪارڪن محمد رمضان خاصخيلي جي ورسي جي موقعي تي دعا گهرندي

اسلام آباد (م ر د) بشريٰ بي بي عدت دوران نڪاح ڪيس کي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو آهي. بشريٰ بي بي بيرسٽر سلار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

سنڌ هاءِ ڪورٽ سنڌ چائلڊ ڪيئر کي ڪانٽريڪٽ تي ملازمن جي ڀرتين جي مشروط اجازت ڏئي ڇڏي

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ سڄي سنڌ ۾ گريڊ 1 کان 15 تائين سرڪاري نوڪريون ڏيڻ جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

ڪراچي: شاليمار ايڪسپريس جا 3 ڏٻا پٽڙي تان لهي ويا

ڪراچي کان لاهور ويندڙ شاليمار ايڪسپريس جا 3 ڏٻا پٽڙي تان لهي ويا

حادثي سبب ريلوي آپريشن معطل ڪيو ويو، اطلاع تي فوري طور رليف آپريشن شروع ڪيو ويو

ڪراچي (م ر د) ڪراچي کان لاهور ويندڙ شاليمار ايڪسپريس جا 3 ڏٻا بن قاسم ويجهو پٽڙي تان لهي ويا، خوش قسمتي سان حادثي ۾ ڪوئي جاني /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ڪراچي: شهري جو موت، ايس ايس پي ايس آءِ يو کي عهدي تان هٽايو ويو

ايس ايڇ او کي گارڊن پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ جڏهن ته ڊي ايس پي کي ڪراچي پوليس آفيس رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي

جوابدارن نظام الدين جي تحويل ۾ موت جي الزام ۾ اي ايس آءِ ساجد ۽ شاداب کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ذريعا

ڪراچي (م ر د) ڪراچي جي علائقي صدر جي اڳوڻي سي آءِ اي سينٽر ۾ پوليس جي اسپيشل انويسٽيگيشن يونٽ (ايس آءِ يو) ۾ تشدد سان جوابدار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

آمريڪا، ڪينيڊا ۽ برطانيه ۾ برفباري، تيز برساتن سبب زندگي جو نظام مفلوج بڻجي ويو

آمريڪي رياستن نيويارڪ، نيوجرسي ۽ ڪنيڪٽي ڪٽ جي مختلف علائقن ۾ تيز برفباري ۽ طوفاني برساتن کان پوءِ ٻوڏ ۾ واڌ ٿي وئي

سخت ٿڌ جي موسم ۾ مختلف هنڌن تي 50 ملي ميٽر کان وڌيڪ برسات رڪارڊ ڪئي وئي

واشنگٽن (م ر د) آمريڪا ڪينيڊا ۽ برطانيه ۾ ٿڌ جي لهر، مختلف علائقن ۾ برفباري ۽ برساتن سبب زندگي جو نظام مفلوج ٿي ويو آمريڪي رياستن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بلاول ڀٽو زرداري ۽ فريال ٽالپر شهيدن جي مزارن تي حاضري فاتح پڙهي ۽ گل رکيا

بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ پ پ عورتن جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر کي شهيدن جي مزارن تي حاضري ڏني

ذوالفقار علي ڀٽو، بينظير ڀٽو، نصرت ڀٽو، مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ مير شاهنواز ڀٽو جي مزارن تي فاتح پڙهي ۽ گل به رکيا

لاڙڪاڻو (رپورٽر) پاڪستان پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ڳڙهي خدابخش ۾ جمهوريت جي شهيدن جي مزارن تي حاضري، /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

ڪراچي: شاهراهه فيصل تي مسافر بس مان ڏينهن ڏٺي ڦرلٽ

نرسري وٽان گذرندڙ بس مروت ۾ چڙهن ڦورن هٿيارن جي زور تي مسافرن کان ڦرلٽ ڪئي

شاهراهه فيصل ڪراچي جو اهم روڊ آهي جتي پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار پيٽرولنگ به ڪندا رهندا آهن

ڪراچي (م ر د) ڪراچي جي مصروف روڊ شاهراهه فيصل تي ڏينهن ڏٺي هٿياربند مسافر بس مان ڦرلٽ ڪري فرار ٿي ويا، نرسري وٽان گذرندڙ بس مروت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

سنڌ هاءِ ڪورٽ مسلم ليگ(ق) جي اميدوار معشوق علي جي درخواست رد ڪري ڇڏي

پستول ڪٿان کان آيو، ڇا بندوق ڏيکاري چونڊون وڙهندو؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اميدوار کان پڇائو ڪيو ته ڪنهن جا فرنٽ مين آهيو؟ ڪير آهيو، ڪنهن سان مقابلو ڪندا؟

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ مسلم ليگ(ق) جي پي ايس 76 ميرپورساڪرو کان اميدوار معشوق علي جي درخواست رد ڪري ڇڏي. مسلم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

8 فيبروري تي نظريه پاڪستان جي محافظن ۽ آمريڪي يارن وچ ۾ مقابلو ٿيندو: مولانا اسدالله ڀٽو

ديني جماعتون مشترڪات تي متحد ۽ نظرياتي سرحدن خلاف سازش ڪامياب ٿيڻ ڪو نه ڏينديون

حماس جي مجاهدن ۽ فلسطيني عوام پوري دنيا ۾ جهاد جي ڪلچر کي زنده ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) 15 جنوري 2024 ملي يڪجهتي ڪائونسل سنڌ جي صدر ۽ اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ڀٽو چيو آهي ته ديني جماعتون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

ڪراچي: مولانا اسدالله ڀٽو ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

عمران خان جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف داخل ڪيل اپيل تي اليڪشن ڪميشن کي نوٽيس جاري

پي ٽي آءِ باني جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف اپيل تي ٻڌڻي لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي

پي ٽي آءِ جي باني قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 122 لاهور ۽ 89 ميانوالي تان چونڊن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن

اين اي 122 ۾ تائيد ڪندڙ جو تڪ نه هجڻ جو الزام لڳايو ويو، قانون موجب 2 سال سزا تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪري سگهجن ٿا

لاهور (م ر د) عمران خان جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف اپيل تي لاهور هاءِ ڪورٽ اليڪشن ڪميشن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو آهي. پي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

حيدرآباد: پي ٽي آءِ جو اڳواڻ افضل مروت ڪارڪنن سان گڏ ريلي ڪڍي رهيو آهي

بينظير ڀٽو جي وصيت اسان جي لاءِ مقدس دستاويز ۽ مشعل راهه آهي: وقار مهدي

ڪراچي (م ر د) پيپلزپارٽي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ۽ سينيٽر وقار مهدي حافظ نعيم جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سنڌ ۾ مڪاني نمائندن جي چونڊ مهم ۾ حصو وٺڻ تي پابندي

نوٽيفڪيشن مطابق مختلف شهرن ۾ ميئرز، ڊپٽي ميئرز ضلعو، ميونسپل، ٽائون ۽ يوسي چيئرمين جي چونڊ مهم هلائڻ جون شڪايتون مليون آهن

ميئر، ڊپٽي ميئر، بلدياتي نمائندا چونڊ مهم ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن جيڪا سرڪاري وسيلن جي استعمال بابت ضابطه اخلاق جي پيرا 18 جي ڀڃڪڙي آهي

ڪراچي (م ر د) اليڪشن ڪميشن سنڌ مقامي نمائندن جو اليڪشن مهم ۾ حصو وٺڻ تي پابندي هڻي ڇڏي آهي. صوبائي اليڪشن ڪميشن ميئر، ڊپٽي ميئر ۽ بلدياتي نمائندن جي چونڊ ۾ مهم شرڪت جو نوٽيس وٺندي ان حوالي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

فواد چوڌري 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي نيب حوالي

احتساب عدالت جي جج محمد بشير اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي خلاف جهلم ۾ تعميراتي منصوبن ۾ ڪرپشن واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

فواد چوڌري طرفان سندس وڪيل عامر عباس ۽ نيب جو پراسيڪيوٽر عدالت ۾ پيش ٿيا

فواد چوڌري کي نيب هراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، 26 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ دوران اڃان تائين انڪوائري مڪمل نه ٿي سگهي آهي: وڪيل

اسلام آباد (م ر د) احتساب عدالت اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جو وڌيڪ 3 ڏينهن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ورتو آهي. اسلام آباد جي احتساب /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

اسلام آباد: فواد چوڌري کي عدالت ۾ پيش ڪرڻ لاءِ آندو پيو وڃي

حملا آورن ۽ لٽيرن کي ڪوڙن ليکڪن وسيلي مقامي هيروز مٿان فوقيت ڏني وئي آهي: صفدر زيدي

ڪراچي (م ر د) سنڌ جا ماڻهو تاريخ ۾ هميشه پرامن رهيا آهن. ڪٿي به هنن جي جنگجو هجڻ يا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ڪراچي ۾ سياري باوجود 14 ڪلاڪ لوڊشيڊنگ

ڪي اليڪٽرڪ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جي دورانيي ۾ غير معمولي واڌ ڪري ڇڏي

لياقت آباد سي ون ايريا ۾ 16 ڪلاڪن کان وڌيڪ جي لوڊشيڊنگ جون شڪايتون وصول ٿيون آهن

ڪراچي (م ر د) ڪي اليڪٽرڪ ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ جي دورانيي ۾ غير معمولي واڌ ڪري ڇڏي ذريعن موجب فيڊرل ڪيپيٽل ايريا ۾ 14 ڪلاڪن کان وڌيڪ جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي. جڏهن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ٻارن کي تيز موٽر سائيڪل هلائڻ کان روڪڻ تي جهيڙو، فائرنگ، 2 سڳا ڀائر مارجي ويا

ڪراچي جي علائقي اتحاد ٽائون، خان محمد چوڪ ويجهو جهيڙي دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 سڳا ڀائر مارجي ويا: پوليس

شروعاتي جاچ دوران خبر پئي آهي ته فائرنگ جو واقعو ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي نتيجي ۾ ٿيو، مقتول خان محمد ڪالوني جا رهواسي هئا

جهيڙو ٻارن کي تيز موٽر سائيڪل هلائڻ کان منع ڪرڻ تي ٿيو، مقتول هڪ پاڙ ٺاهيندڙ ڪارخانو هلائيندو هو ۽ فائرنگ جو واقعو مقتول جي ڪارخاني ويجهو پيش آيو

ڪراچي (م ر د) ڪراچي جي علائقي بلديه اتحاد ٽائون ۾ ٻارن کي تيز موٽرسائيڪل هلائڻ کان روڪڻ تي جهيڙي دوران فائرنگ سبب 2 سڳا ڀائر مارجي ويا آهن. پوليس موجب ڪراچي جي علائقي اتحاد ٽائون، خان محمد چوڪ ويجهو جهيڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

بن قاسم ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سرڪاري پائپ لائن مان تيل چوري پڪڙي وئي

جوابدارن سرڪاري ڊيزل جي لائن مان چوري لاءِ ڪلپ لڳائي هئي، انڪشاف ڪانپوءِ پارڪو ملازم جي فرياد تي بن قاسم ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو

ايف آءِ آر جي متن موجب جوابدارن گودام مسواڙ تي ورتو، اڃا تائين ڪنهن جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ ناهي اچي سگهي

ڪراچي (م ر د) بن قاسم مان هڪ ڀيرو ٻيهر سرڪاري پائپ لائن مان تيل چوري پڪڙي وئي. ڪراچي ۾ بن قاسم ٿاڻي جي حدن ۾ هڪ ڀيرو ٻيهر سرڪاري پائپ لائن مان تيل جي چوري پڪڙي وئي. جوابدارن سرڪاري ڊيزل جي لائن مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

عام چونڊون 2024: ٿرپارڪر مان شاهه محمود قريشي کي مور جو نشان ڏنو ويو

ريٽرننگ آفيسر طرفان جاري ڪيل فارم 33 موجب ٿرپارڪر جي 6 تڪن تي ڪُل طور تي 86 اميدوارن کي چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويا

اليڪشن ڪميشن طرفان ٿرپارڪر جي تڪ اين اي 214 تي پي ٽي آءِ جي اميدوار شاهه محمود قريشي کي مور جو نشان ڏنو ويو

اين اي 215 تي 20 اميدوارن جڏهن ته پي ايس 52 تي 11، پي ايس 53 تي 14، پي ايس 54 تي 12 ۽ پي ايس 55 تي 18 اميدوارن کي نشان الاٽ ڪيا ويا

ڪراچي: سنڌ سيڪريٽريٽ ۾ منعقد اجلاس ۾ نيب چيئرمين ويٺل آهي

اسلام آباد (م ر د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي وائيس چيئرمين ۽ اڳوڻي وفاقي وزير شاهه محمود قريشي کي ٿرپارڪر جي تڪ اين اي 214 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

سنڌ هاءِ ڪورٽ حليم عادل شيخ جي گرفتاري جي خلاف ٻن مختلف درخواستن تي سرڪاري وڪيل معافي گهري ورتي

ڪراچي (م ر د) سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ جي گرفتاري جي خلاف ٻن مختلف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

يوٽيليٽي اسٽورن ۾ سڀ کان وڏي سيل جو رڪارڊ قائم

سال 23_2022 ۾ يوٽيليٽي اسٽورز جي سيل رڪارڊ 137 ارب 15 ڪروڙ 50 لک رپيا رهي ۽ گذريل مالي سال يوٽيليٽي اسٽورز جو منافعو 76 ڪروڙ 40 لک رپيا رهيو

اٽي، کنڊ، گيهه، دالين ۽ چانورن تي حڪومت وڏي سبسڊي ڏئي رهي آهي، گذريل سال دوران بنيادي شين تي حڪومتي سبسڊي سبب سيل بلند ترين سطح تي پهچي وئي

اسلام آباد (م ر د) يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن ۾ سال 22_2023 دوران هيل تائين جي سڀ کان وڏي سيل رڪارڊ ڪئي وئي. ذريعن موجب سال 23_2022 ۾ يوٽيليٽي اسٽورز جي سيل رڪارڊ 137 ارب 15 ڪروڙ 50 لک رپيا رهي ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

بيٽ کسي پچ ڏاتي وئي پر اسان ميدان نه ڇڏينداسين: بابر اعوان

پي ٽي آءِ کنهن به صورت ۾ چونڊن جو بائيڪاٽ نه ڪندي، اسان کان بيٽ کسي وئي آهي ۽ پچ ڏاتي وئي آهي

نواز شريف اڳ به ٻن چيفس سان وڙهي وڃي چڪو آهي، ڪيس آڻڻ سان ڪو استحڪام نه ايندو هن چيو اهڙيون چونڊون ٿيون ته حڪومت ۾ مهينا به نه هلي سگهندي

صورتحال کهڙي به هجي چونڊن ۾ بيٺا آهيون، اهي سموريون ڪوششون ان ڪري ٿي رهيون آهن ته اسان ميدان ڇڏي ڏيون پر اسان نه ڇڏينداسين

اسلام آباد (م ر د) تحريڪ انصاف اڳواڻ بابر اعوان چيو آهي ته بيٽ کسي وئي ۽ پچ ڏاتي وئي پر اسان ميدان نه ڇڏينداسين. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران صحافين سان ڳالهائيندي بابر اعوان چيو ته پي ٽي آءِ ڪنهن به صورت ۾ چونڊن جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

گلاب لغاري پرسان ٽماٽر مرچ ۽ سارين جي فصلن ۾ في ايڪڙ جي حساب بابت سيمينار

رچنا ايگرو ڪيمڪل ۽ سيد بزنس ڪمپني پاران سيمينار زرعي ڄاڻ ڏيڻ سان گڏ انعام ورهائڻ جي شاندار تقريب ڪوٺائي وئي

گل خاصخيلي، حاجي باغ علي سريوال، ڪيول ڪولهي راجڪمار لوهاڻو ۽ ٻين مڃتا طور ٽرافيون ڏنيون ويون

بهترين ٽماٽر جي حوالي سان گلاب لغاري ۽ پرياسي جي ٽماٽر کي ملڪي منڊين ۾ وڏي اهميت حاصل آهي : اڳواڻ

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري ۽ پرياسي جي آبادگارن ۽ هارين پاران ٽماٽر مرچ ۽ سارين جي فصلن ۾ في ايڪڙ جي حساب سان بهترين پيداوار حاصل ڪندڙن جي مان ۾ رچنا ايگرو ڪيمڪل ۽ سيد بزنس ڪمپني پاران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

گلاب لغاري: سيمينار دوران اڳواڻ کي ٽرافي ڏني پئي وڃي

سڳيون پريس ڪلب تي جيئي سنڌ پورهيت سنگت جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرو

سڳيون (رپورٽر) سڳيون پريس ڪلب تي جيئي سنڌ پورهيت سنگت جي اڳواڻن ڪامريڊ عاشق علي چنو، غلام قادر چنو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو انتظاميا جي نااهلي سبب ڀنگين جي پوسٽ تي وائيٽ ڪالر ماڻهو ڀرتي ٿيل آهن جن جي ڪم نه ڪرڻ ڪري شهر اندر هر هنڌ گند ڪچري جا ڍير لڳل آهن بدبوءِ سبب ماڻهو بيمارين ۾ مبتلا ٿي ويا آهن نوٽيس وٺي صفائي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

رتيديري ۾ شاه لطيف جو جنم ڏينهن ملهايو ويو

ٻالڪ علمي ادبي سنگت پاران حسن پور اسڪول ۾ شاندار پروگرام ڪوٺايو ويو

ٻالڪ ساٿين ۽ نياڻين شاه لطيف جا بيت پڙهي سائنس معصوم محبتن جو اظهار ڪيو

نوديرو (رپورٽ: شاد محمود پٺو) رتيديري ۾ شاه لطيف جو جنم ڏينهن ملهايو ويو. خوبصورت تقريب منعقد. زبردست پيشڪش، ٻالڪ علمي ادبي سنگت رتوديرو پاران حسن پور اسڪول ۾ شاندار پروگرام. سالگره جو ڪيڪ به ڪٽيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهروفيروز ۾ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو احتجاج جاري

25 جنوري تي وزيراعلىٰ هاؤس ۽ آءِ جي آفيس اڳيان ڌرڻ جو اعلان ڪيو ويو

منصور ميمڻ جي پٽ کان موٽر سائيڪل، موبائلون ۽ 35 هزار ڦريا ويا

25 جنوري تي ڪراچي ۾ وزيراعلي هاؤس آءِ جي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين : اڳواڻ

نوشهرو فيروز (رپورٽ اسد علي عمراڻي) نوشهرو فيروز ۾ بدامني خلاف پريس ڪلب آڏو 19 ڏينهن به احتجاج جاري رهيو ۽ 25 جنوري تي وزير اعلا هاؤس ۽ آءِ جي آفيس اڳيان ڌرڻ جو اعلان ڪيو ويو احتجاجي مظاهري کان پوءِ ڪئمپ تي ڳالهائيندي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سنجهورو اين اي 210 پ پ پ جي نوجوان اميدوار صلاح الدين جوڻيجو ۽ ٻين پاران دورا

سنجهورو (رپورٽر) سنجهورو اين اي 210 پ پ پ جي نوجوان اميدوار صلاح الدين جوڻيجو ۽ پي ايس 42 جي اميدوار جام شبير علي خان پاران سنجهورو جي مختلف ڳوٺن جا دورا مختلف برادرين پاران حمايت جو اعلان، سنجهورو اليڪشن ورڪ اين اي 210 پي ايس 42 يوسي عظيم آباد ڳوٺ رڪيل خان رند اين اي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

نوشهروفيروز: شهر ۾ وڌندڙ بدامني خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ٽنڊو ضلعو گذريل ڏهن پندرنهن سالن کان مڪمل طور تي بدامني ور چڙهيل

ضلعي ۾ هر طرف بدامني جو هڪ راڪاس ڇانيل، ڪنٽرول ڪرڻ ۾ پوليس مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي

شهري غير محفوظ بڻجي هر قسم جو ڏوهه ڪندڙ ڏوهارين جي ور چڙهي ويا، پوليس ڪا به ڪارروائي نه ڪئي

سوزوڪي ڊرائيور نوجوان روشن جاڙو کي ڦرجي ڪوشش ڪرڻ دوران ڏوهارين قتل ڪري ڇڏيو، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊو (جاويد لطيف ميمڻ) ماضي ۾ سنڌ جو پرامن ضلعو سمجهيو ويندڙ ٽنڊو ضلعو گذريل ڏهن پندرنهن سالن کان مڪمل طور تي بدامني ور چڙهيل ضلعي ۾ هر طرف بدامني جو هڪ راڪاس ڇانيل جنهن تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ٽنڊو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٽنڊوشهر پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو دربدري جي زندگي گذارڻ تي مجبور

مائٽن غفور ملاح ۽ ٻين زوري اغوا ڪري ڪٽي باندي بڻائي رکيو هو : جوڙو

مائٽ اسان جي جان جا دشمن بڻجي چڪا آهن جهن مان اسان کي جان جو خطرو آهي

اسان وس وارن کا مطالبو ٿا ڪريون ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) ٽنڊوشهر پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو جمالي واسي جوڙو دربدري جي زندگي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

اليڪشن ۾ مون کي خالي پيل نشان درخواست مطابق الاٽ ڪري ڏنو وڃي : ايڊووڪيٽ غزالا حسين پنهور

نوشهروفيروز (رپورٽ منظور ملڪ) ايڊووڪيٽ غزالا حسين پنهور آزاد اميدوار پي ايس 33 ۽ اين اي 205 تي اليڪشن جا فارم بحال ٿيڻ بعد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

بدين: پيار پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

عادلپور پرسان صابلو واهي تي ڪکن گهرن کي باهه، 3 گهر سڙي رک

ڳوٺ علي مهر ۾ صابلو واهي تي پورهيتن جي 3 گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي

لکين رپين جي ماليت جو گهرو سامان هنڌ بسترا ٿانوَ ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو

متاثرن ڊي سي گهوٽڪي سميت سرندي وارن کي مدد جي اپيل ڪري ڇڏي

عادلپور (رپورٽ اسلم مهر) عادلپور پرسان ڳوٺ علي مهر ۾ صابلو واهي تي ڪکن گهرن کي باهه 3 گهر سڙي رک، متاثرين کلي آسمان هيٺ امداد لاءِ واجهائي رهيا آهن تفصيل موجب عادلپور پرسان ڳوٺ علي مهر ۾ صابلو واهي تي پورهيتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

دادو پرسان مريد جا پاڙ جي رهواسين جون دانهون

اسان جي نوجوان جعفر کي بيدردي سان قتل ڪري لاش جي بيحرمتي ڪئي وئي آهي : مظاهرين

مخدوم بلاول پوليس اسان جي ايف آءِ آر داخل نه پئي ڪري، گهر ۾ ماتم آهي پوليس جوابدارن سان مليل آهي

نوجوان جعفر عرف پوڙهو کي بيدردي سان قتل ڪندڙ خلاف ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو پرسان مريد جا پاڙ جي رهواسين مسمات حاڪم زادي، تصيبا، محمد نواز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نوشهروفيروز ۾ وڪيل جي چيمبر مان چوري ۽ چوري ٿيل اپلائيڊ موٽر سائيڪل واپس ٿي نه سگهيون

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) هڙتال جو سڏ مسٽر ولي محمد منگي وڪيل جي چوري ۽ مسٽر فاروق احمد ڏنگراچ وڪيل جي چيمبر مان چوري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو: ڳوٺ مريد جا پاڙ جا رهواسي احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاج جاري

قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف صحافين جو احتجاجي تحريڪ جاري 155 ڏينهن به قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعرا هنيا ويا

اسان جي ساٿي شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو : مظاهرين

جيستائين قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي خاموش ٿي نه ويهنداسين، معاملي جو نوٽيس وٺي واهر ڪئي وڃي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر جي شهيد صحافي جان محمد مهر جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف صحافين جو احتجاجي تحريڪ جاري 155 ڏينهن به قاتلن جي گرفتاري لاءِ زوردار نعرا هنيا ويا سکر يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي صدر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٽنڊو محمد خان پرسان سنڌ جي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 90 هين سالگره تقريب

ڳوٺ جنهاڻ سومرو ۾ ورسي ملهائي سنڌ سان محبت جي اظهار طور ڪيل شاعري تي اديبن شاعرن پيڻا پيش ڪئي وئي

ابراهيم منشي سنڌ جي قومي وجود جي خلاف ٿيندڙ سازش سان شاعري ذريعي مهاڏو اٽڪايو آهي : اڳواڻ

هن پنهنجي همت ۽ جذبي سان سنڌ سان پنهنجو محبت وارو اظهار قومي جذبي سان عوام ۾ بيدار ڪيو

ٽنڊو محمد خان (د ر) سنڌ جي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 90 هين سالگره سنڌس اباڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نيو سعيد آباد برانچ جي او جي ٽو افيسر رياض حسين زرداري جو والد لاڏاڻو ڪري ويو

نيو سعيدآباد (رپورٽر) سنڌ بينڪ آف پاڪستان نيو سعيدآباد برانچ جي او جي ٽو انيسر رياض حسين زرداري جو والد گورمينٽ ٻوائز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٽنڊو محمد خان: تقريب دوران ڪيڪ ڪاٽيو پيو وڃي

مون کي عوام جي حالت ڏسي انتهائي ڏک ٿيو آهي : نادر اڪمل لغاري

منهنجو اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو مقصد عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي

جام عبدالفتاح سميجو، سردار اڪمل خان لغاري، اياز خان شر، امجد اعوان ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

ڏهرڪي (رپورٽ لالچند موٽواڻي) ڏهرڪي جي صوبائي تڪ پي ايس 19 ڏهرڪي ميرپور ماٿيلو جي آزاد اميدوار نادر اڪمل لغاري پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

اسان جي خاندان بدين جي ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي : گلزار ميمڻ

مخالف ڌر هر اليڪشن ۾ اسان کي ميدان مان ٻاهر ڪڍڻ جي ڪوشش ڪندا آهن

اسان عوام جي ساٿ سان هر اليڪشن ۾ شڪست ڏني آهي ۽ هاڻ به ڏينداسين

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) مخالف ڌر هر اليڪشن ۾ اسان کي ميدان مان ٻاهر رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن پر اسان عوام جي ساٿ سان هر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سکر جي جوڙي سيشن ڪورٽ ۾ پسند جي شادي ڪري ڇڏي

عدالتي پرڙي بعد جوڙو پريس ڪلب آڏو تحفظ ۽ انصاف لاءِ پريس ڪلب پهتو

مائٽ ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت قتل جون ڌمڪيون پيا ڏين، تحفظ ڏنو وڃي : جوڙو

سکر (رپورٽر) سکر جي جوڙي عبدالمنان پٺاڻ ۽ ناري طوبه شيخ پاران سيشن ڪورٽ ۾ پسند جي شادي ڪري ڇڏي. عدالتي پرڙي بعد جوڙو سکر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

سکر: پيار جو پرڻو ڪندڙ جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪري رهيو آهي

ڪوٽ غلام محمد ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص جي اڳواڻي ۾ ڪارروائي

امجد قائمخاني جي گهر تي ڇاپو هڻي وڏي مقدار ۾ گٽڪو ناهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ سوپاري ۽ ٻيو سامان هٿ

گٽڪو ناهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ سوپاري ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري وڙتو جڏهن ته هڪ شخص گرفتار ڪيو ويو

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) ڪوٽ غلام محمد ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص عادل ميمڻ جي اسپيشل ٽير سي آءِ اي انچارج شاهجان لاشاري ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

هوسڙي پرسان ڪٽڙ ۾ جماعت اسلامي پاران سوشل ميڊيا ڪارنر گڏجاڻي

شرجيل انعام ميمڻ جي سامهون بيهاريل اميدوار ايڊووڪيٽ فتح محمد شورو ۽ ٻين جي شرڪت

سوشل ميڊيا جنهن کي چاهي هيرو ناهي جنهن کي چاهي زيرو بڻائي سگهي ٿي : ايڊووڪيٽ فتح محمد شورو

حيدرآباد (رپورٽر) هوسڙي پرسان ڪٽڙ ۾ جماعت اسلامي پاران سوشل ميڊيا ڪارنر ميٽنگ ٿي گذري، جنهن ۾ NA_218 جي اميدوار سردار زبير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ورشهر پرسان جاڙا دالي موري وٽ ڦورن هٿان سوزڪي ڊرائيور قتل

اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺڻ کانپوءِ ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو

ايس پي ٽنڊو جاءِ واردات تي پهچي معائنو ڪرڻ کانپوءِ 24 ڪلاڪن اندر جوابدار گرفتار ڪرڻ جو اعلان ڪيو

گهوڙاٻاري (رپورٽر) ورشهر پرسان جاڙا دالي موري وٽ ڦورن هٿان سوزڪي ڊرائيور قتل. اطلاع تي پوليس پهچي لاش تحويل ۾ وٺڻ کان پوءِ ضروري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

گلاب لغاري پرسان شاندار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ منعقد

مهراڻ ايليون VS لڙهه ايليون مهراڻ ايليون ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ ڪئي

سنڌ يار اخبار جي رپورٽر گلزار لغاري ڪيش انعام ۽ ٽرافيون ورهايون

گلاب لغاري (رپورٽ گلزار لغاري) گلاب لغاري پرسان ڳوٺ خان محمد لغاري هڪ شاندار ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ ٿي گذريو، جنهن ۾ ڪل 8 ٽيمن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سلطانپور پريس ڪلب جي نئين سال جي چونڊ

خدابخش انڙ صدر ۽ محرم علي ملڪ جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

پٺتي پيل علائقن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائينداسين : صحافي

سلطانپور (رپورٽ قربان علي مهر) سلطانپور پريس ڪلب جي نئين سال جي چونڊ. خدابخش انڙ صدر ۽ محرم علي ملڪ جنرل سيڪريٽري چونڊجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

سلطانپور: نئين چونڊيل باڊي جي عهديدارن جو ورتل گروپ فوٽو

وارهه ۾ فوجي فياض حسين ٽنيو کان ڦريل سامان واپس نه ٿي سگهيو

هٿياربند ڌاڙيلن حملو ڪندي هٿيارن جي زور تي فوجي فياض حسين ٽنيو کان موٽر سائيڪل ۽ ٻين سامان ڦر ڪيو

اسان اهڙو اطلاع فورن پوليس کي ڏنو پر پوليس سستي جو مظاهرو ڪري خاموشي اختيار ڪئي : اڳواڻ

وارهه (رپورٽر) ڪالر فوجي فياض حسين ٽنيو کان ڪنڊو روڊ سان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل، سروس ڪارڊ ۽ ٻيو قيمتي سامان واپس نه ٿي سگهيو. وارهه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سامارو ۾ ڪوسٽر جي ڊرائيور ۽ روڊ جو تعميراتي ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ جهيڙو

ڪوسٽر ڊرائيور زوار خاصخيلي سخت زخمي تعلقه اسپتال سامارو داخل ڪيو ويو

مسافر ڪوسٽر کي روڪرائي اسان تي مارڪٽ ڪري ڏني وئي : متاثر

سامارو (رپورٽ) سامارو پرسان شبير واٽر اسٽاپ تي ڪنري کان سامارو شهر ايندڙ ڪوسٽر جي ڊرائيور ۽ روڊ جو تعميراتي ڪم ڪندڙ مزدورن ۾ سائيڊ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

اسان کي بينظير انڪم سپورٽ جي وظيفي جا پيسا ملندا آهن : مستحق عورتون

اسان کي بي بي ايڇ آئي پاران نشونما ۽ ٻارن جي خوراڪ ڏني وڃي ٿي پر نشونما جي سينٽر تي عملو گهٽ آهي

هتي روزانو گهٽ ۾ گهٽ 100 يا 150 عورتن کي خوراڪ ڏني وڃي ۽ ڪجه عورتون واپس وڃن ٿيو

شڪارپور (رپورٽر) شڪارپور ۾ بي بي ايڇ آءِ پاران آر بي يرتي سول اسپتال شڪارپور ۾ بينظير نشونما جو سينٽر تي عورت جي وڏي رش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 37

گهوٽڪي سميت سڄي سنڌ ۾ مخالفن کي ناڪامي نصيب ٿيندي : محمد بخش مهر

اليڪشن پنهنجي وقت تي ٿيندي، پ پ عوامي مسئلن جي حل لاءِ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺي رهي آهي

8 فيبروري تي سرپرائيز ڏينداسين، پ پ هميشه هارين، مزدورن ۽ غريبن جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي

اسان جي قيادت ملڪ جي بقا، سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجون جانيون به قربان ڪري ڇڏيون آهن

گهوٽڪي / خانپور مهر (رپورٽ لالچند موٽواڻي / فتاب سيال) پاڪستان پيپلزپارٽي جي اڳواڻ ۽ پي ايس 20 خانگڙهه جي نامزد اميدوار چيف سردار محمد بخش خان مهر چيو آهي ته اليڪشن پنهنجي وقت تي ٿيندي، پ پ عوامي مسئلن جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

گهوٽڪي: سردار محمد بخش خان مهر تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

قومي شاعر ابراهيم منشي جي شاعري قومي تحريڪ ۾ اپار آندو : قادر بخش زئور

ميرپوربٺورو (رپورٽر) جيئي سنڌ قومي پارٽي طرفان شاعر ابراهيم منشي ۽ قومپرست اڳواڻ چاچا مولابخش لغاري جي سالگره جو ڪيڪ مختيار علي زئور ڪالوني ۾ ڪٽيو ويو پيشاڻ پيش ميزاڪو ٿيوانهي موقعي تي جيئي سنڌ قومي پارٽي جي اڳواڻ قادر بخش زئور، انور خاصخيلي، نور محمد چانڊيو ۽ اسرار زئور خطاب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

پ پ جي 15 سالا دور ۾ سنڌ جا سمورا ادارا تباهه ٿيا آهن : فقير محمد بخش

پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪا به گنجائش ناهي ڇڏي

8 فيبروري تي جي ڊي اي جا اميدوار ڪامياب ٿيندا، مخالفن کي عوام رد ڪري ڇڏيندو

سماجي اڳواڻ غلام علي بروهي پريس ڪلب شهدادپور رجسٽرڊ جي پلاٽي لاءِ اڳ به ساٿ ڏنو آهي

شهدادپور (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ کي تباهه ۽ برباد ڪرڻ ۾ ڪا به گنجائش ناهي ڇڏي، پ پ جي 15 سالا دور ۾ سنڌ جا سمورا ادارا تباهه ٿيا آهن 8 فيبروري تي جي ڊي اي جا اميدوار ڪامياب ٿيندا اهڙي خيالن جو اظهار پاڪستان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

دڙو ۾ شيرازي ڀائرن پاران عوامي طاقت جو مظاهرو، شاندار ريلي

پ پ جي شيرازي ڀائرن پاران قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جون ٽڪيٽون جاري ٿيڻ جي خوشي ۾ عوامي قوت جو مظاهرو ڪيو ويو

سيد باشاه شاه شيرازي، اڪبر عيساڻي، غياث ميمڻ، ملڪ رسول بخش ميمڻ اڪبر گگو ۽ ٻين خطاب ڪيو

8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ سمورن پ پ مخالفن کي بدترين شڪست ملندي ۽ سمورن مخالفن جون ضمانتون رد ٿينديون : اڳواڻ

دڙو (رپورٽ شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ شيرازي ڀائرن پاران عوامي طاقت جو مظاهرو، پ پ جي شيرازي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

شيخ پرڪيو جي منشيات فروش جو ٻاڙيسري تي حملو، نوجوان زخمي ٿي پيو

ٽنڊو محمد خان (د ر) شيخ پرڪيو جي منشيات فروش جو ٻاڙيسري تي حملو، حملي ۾ نوجوان زخمي. ڪجهه ڏينهن پهريان شيخ پرڪيو پوليس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

دڙو: شيرازي ڀائرن پاران نڪتل ريلي جو ڏيک

سن ۾ جديد قومپرست سياست جي باني جي ايم سيد جي اڄ 120 هين سالگره تقريب

سائين جي ايم سيد جي 120 هين سالگره اڄ 17 جنوري تي سن ۾ قومي جوش جذبي سان ملهائي ويندي

سيد جي درياءَ واري بنگلي تي سالگره جلسو ٿيندو، جنهن ۾ ملڪ جا نامور سياستدان اديب دانشور شرڪت ڪندا

رات مشعل بردار ريلي ڪيدي سيد جي مزار تي حاضري پڻ ڀري ويندي جنهن بعد راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿيندي

مانجهند (رپورٽ مهراڻ عمراڻي) جديد قومپرست سياست جي باني سائين جي ايم سيد جي 120 هين سالگره سڀاڻي سن ۾ ٿيندي 3 ڏار ڏار جلسا رئيل تياريون زور شور سان هلندڙ. جديد قومپرست سياست جي باني سائين جي ايم سيد جي 120 هين سالگره سڀاڻي 17 جنوري تي سن ۾ قومي جوش جذبي سان ملهائي پئي وڃي ايس يو پي طرفان سيد جلال محمود شاه سيد زين شاه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دادو ۾ عرضي نويس بانڊ رائيٽس ۽ اسٽيٽ ايجنسي جي واپارين پاران احتجاجي مظاهرو

سب رجسٽرار آفيس ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو احتجاجي مظاهرا ڪري علامتي بک هڙتال ڪئي وئي

سب رجسٽرار شمس الدين ڏاريجو اڇڻ شرط مبينا ڪرپشن جي باهه ٻاري ڇڏي آهي : مظاهرين جون دانهون

سب رجسٽرار ۽ سندس عملي کي هٽائي اسان سميت دادو واسين مان بيچيني دور ڪئي وڃي

دادو (ن سنڌيار) دادو ۾ عرضي نويس بانڊ رائيٽس ۽ اسٽيٽ ايجنسي جي واپارين پاران دادو جي سب رجسٽرار شمس الدين ڏاريجو ۽ سندس عملي خلاف هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي دادو سب رجسٽرار آفيس ۽ ڊپٽي ڪمشنر آفيس آڏو احتجاجي مظاهرا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

اسان پهرين به عوام سان گڏ هئاسين اڄ به عوام سان گڏ آهيون : سيد زين شاه

اسان ووٽ جي گهُر صرف ۽ صرف ان ڪري ڪندا آهيون ته جيئن سنڌ جو آواز سگهارو ٿئي

اسان اهو به چاهيون ٿا ته سنڌ جي باشعور نوجوانن جي مختلف شعبن ۾ ميرٽ جي لتاڙ بند ڪئي وڃي

ماضيءَ جي ڪرپٽ حڪمرانن ملڪ جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي ڪرپشن جيڪا ناسور بڻجي چڪي آهي

سڪرنڊ (رپورٽر) جي ڊي اي پاران اين اي 208 ۽ پي ايس 38 جي اميدوار سيد زين شاه چيو آهي ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نيو سعيد آباد ۾ نصير قائمخاني جي نياڻي جي شادي جي تقريب ٿي گذري

نيو سعيدآباد (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ رئيس نظير احمد راهو چيئرمين ٽائون ڪميٽي نيو سعيدآباد رئيس سرفراز /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سڪرنڊ: سيد زين شاه تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

نئون ديرو ۾ بدامني زور وٺي وئي، پوليس اگهور ننڊ ستل، شهرين پاران احتجاج

بدامنيءَ خلاف سنڌ ميمڻ اتحاد جي سڏ تي محمد طاهر ميمڻ، عارف ميمڻ، مدثر ميمڻ، راحيل عباس ڪلهوڙو ۽ ٻين احتجاج ڪيو

لاڙڪاڻو – نئون ديرو روڊ سان سرعام ڦر واقعا ٿي رهيا آهن ۽ قانون جي رٽ ڪٿي به نظر نٿي اچي، رهواسي پريشان آهن : مظاهرين

پوليس جوا، منشيات ۽ فحاشي اڏن تان ڀتي خوري ۾ رڌل آهي ۽ امن امان جي خراب صورتحال سبب عوام جي جان ۽ مال داءَ تي لڳل آهي

نئون ديرو (رپورٽر) نئون ديرو ۾ بدامني زور وٺي وئي، پوليس اگهور ننڊ ستل، شهرين پاران احتجاج، پنج گلي چوڪ کان نئون ديرو هائوس تائين ريلي، پوليس جي نااهلي خلاف نعريبازي. خبر موجب نئون ديرو ۽ پرياسي جي علائقن ۾ بدامنيءَ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

پرياسٽي ۾ مسلم ليگ نواز پي ايس 33 جي اميدوارن پاران سرگرميون شروع

پيپلزپارٽي سنڌ ۾ گذريل 15 سالن ۾ ڪجهه ناهي ڪيو روڊ رستا تباهه ٿي چڪا آهن : اڳواڻ

ڪيترن ئي اسڪولن جي حالت خراب آهي عوام هاڻي پيپلزپارٽي مان بيزار ٿي چڪو آهي

گذريل برساتن ۾ ايم پي اي زمينون بچائڻ لاءِ هٽ سان ڪٽ ڏياري نوشهروفيروز کي ٻوڙي ڇڏيو

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) مسلم ليگ نواز پاران ڳوٺ دريا خان جلباڻي ۾ اليڪشن جي حوالي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو جي علائقي مرڪپور واسي سيد گهراڻي جي پيرسن عورت جو پٽ سان گڏ پوليس خلاف احتجاج

دادو (ن سنڌيار) دادو جي علائقي مرڪپور واسي سيد گهراڻي جي پيرسن عورت جو پٽ سان گڏ دادو بي سيڪشن پوليس جي زيادتين خلاف احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهروفيروز: ڪونئيل گڏجاڻي کي اڳواڻ خطاب ڪري رهيا آهن

ٽنڊوڄام : سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ 12 هين ڪانووڪيشن جون تياريون آخري مرحلي ۾ داخل

ڊگرين ۽ پوزيشن ڪندڙ شاگردن ۾ ميڊل ورهائيندو، يونيورسٽي جي ڪراپ پراڊڪشن فيڪلٽي سامهون پنڊال جي تياري جو ڪم جاري

سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ 18 جنوري 2024 تي ٿيندڙ 12 هين ڪانووڪيشن لاءِ يونيورسٽي ۾ تياريون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون آهن

ڪانووڪيشن جي مک تقريب لاءِ يونيورسٽي جي ڪراپ پراڊڪشن فيڪلٽي سامهون پنڊال جي تياري جو ڪم جاري آهي

ٽنڊوڄام (رپورٽر) سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ 12 هين ڪانووڪيشن جون تياريون آخري مرحلي ۾ 18 جنوري تي سنڌ جو گورنر يونيورسٽي جي گريجوئيشن ۽ پوسٽ گريجوئيشن جون ڊگريون مڪمل شاگردن کي ڊگريون ۽ پوزيشن ڪندڙ شاگردن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 38

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
اڱارو 16 جنوري 2024ع

ماحوليات جي مضمون کي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي

جيتوڻيڪ اڄ دنيا ۾ سڀني کان وڏو مسئلو ماحولياتي تبديلي آهي، پر ان تي نه حڪومت ڳالهائڻ چاهي ٿي نه ئي وري اهو عوام جو موضوع آهي. ان تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. اها ڳالهه حيدرآباد لٽريچر فيسٽيول ۾ ڪئي وئي. فيسٽيول ۾ "ماحولياتي تبديلين" جي حوالي سان هڪ سيشن به رکيو ويو هو جنهن ۾ ڳالهائيندي ماهرن جو چوڻ هو ته ماحول هڪ سنجيده موضوع آهي. جنهن ڏانهن ڌيان ڏيڻ کانسواءِ معاملا بهتر نٿا ڪري سگهجن. ان دوران انجنيئر طارق اليگزينڊر چيو ته موسمياتي تبديليون سنجيده موضوع آهي، اسان وٽ پاڻي جي کوٽ آهي، مٺو پاڻي ملي ئي نٿو. درياهه کي گند سان ڀريو ويو آهي. ڊيلٽا کي هٿ سان تباهه ڪيو ويو آهي. ڊيلٽا جي ماڻهن جي حالت ڏسي نٿي سگهجي. ڊيلٽا هاڻ پنهنجي وجود جي آخري پساهه ۾ وڃي پهتو آهي. ماحوليات جي بهتري جي لاءِ ڊيلٽا جو بچڻ ضروري آهي.

ماحولياتي ماهر ناصر پنهور جو چوڻ هو ته اسان وٽ بنا ڪنهن رٿابندي جي شهري آبادي وڌي رهي آهي، ڪو به ماسٽر پلان ناهي. شهري آبادين پاڻيءَ جون قدرتي گذرگاهون بند ڪري ڇڏيون آهن. جنهن جي ڪري درياهه ۾ ايندڙ ٻوڏ هاڻ شهرن ۾ ڪاهي پئي آهي. هن چيو ته شهر پٿرن جو جهنگ بڻجي ويا آهن. گرمي پد ۾ هر سال اضافو ٿي رهيو آهي. دنيا ماحول دوست توانائي ڏانهن وڃي پئي پر پاڪستان ماحول دشمن توانائي جي ذريعن کي هٿي ڏئي رهيو آهي. فشرفوڪ فورم جي اڳواڻ فاطمه مجيد موجب تمر جا ٻيلا مهاڻن جي لاءِ احترام لائق آهن. تمر جا ٻيلا سامونڊي پٽي جي ماڻهن جي لاءِ روزگار جو ذريعو پيدا ڪندا رهيا آهن. پر هاڻ تمر جا ٻيلا رهيا ناهن. تمر جا وڻ سمنڊ جي ڪٽاءَ کي روڪين ٿا. مڇين جي افزائش ڪن ٿا. سامونڊي طوفانن کي روڪيندا آهن. هن چيو ته تمر جو وڻ اتي وڌندو آهي جتي مٺو ۽ کارو پاڻي گڏجي ٿو. پر ورهين کان درياهه سڪيو پيو آهي. سمنڊ تائين مٺو پاڻي پهچڻ ئي نٿو ڏنو وڃي. سنڌو درياهه هزارين ۽ لکين سال چرپر جي نتيجي پنهنجو وجود ڏٺو هيو. ان درياهه کي 70 سالن جي عرصي دوران تباهه ڪيو ويو. پاڪستان جي وجود ۾ اچڻ کانپوءِ ڊيم اڏي، ڪئنال ڪڍي درياهه کي سڪائي ڊيلٽا کي تباهه ڪرڻ جو سلسلو شروع ٿيو. هڪ اندازي موجب سمنڊ سنڌ جي 42 لک ايڪڙ زمين ڳڙڪائي چڪو آهي. سڄي ڪراچي شهر جو گندو پاڻي سمنڊ ۾ وڃي پيو.

يقينن ماحول ۽ موسمياتي تبديلين جي ڪري سموري دنيا ڳڻتي ۾ ورتل آهي. جنهن ڪري دنيا ۾ گرمي پد وڌڻ سان غيرمعمولي تبديليون ٿي رهيون آهن پر پاڪستان ۾ ان پاسي کي مڪمل طور نظرانداز ڪيو ويو آهي. جنهن جا خطرناڪ نتيجا سامهون اچي رهيا آهن. اهو درست آهي ته اهو مسئلو ڪو به هڪ ملڪ پنهنجي سر حل نٿو ڪري سگهجي پر ان بابت مڪمل ڄاڻ هئڻ سان اسان پنهنجي امڪاني نقصان کي بچائي سگهون ٿا.

ماحوليات جي موضوع بابت ڄاڻ جي لاءِ هن وقت جي گهرج آهي ته اهو موضوع تعليمي نصاب جو حصو ڪيو وڃي. جيئن ان بابت ابتدا ۾ شاگردن کي ان جي معلومات ملي سگهي ۽ انهن وٽ ماحولياتي تبديلين جي ڪري ايندڙ اثرن کان تحفظ کي ممڪن بڻائڻ ۾ مدد ملي سگهي. جيڪڏهن هاڻي به ماحوليات کي نظرانداز ڪيو ويو ته ان جو وڏو نقصان سهڻو پوندو.

پاڪستان ۾ ان پاسي ڌيان نه هئڻ ڪري ان جي شدت ۽ اثرن بابت ڪو خاص ادراڪ نه آهي. ان ڪري انهن مسئلن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڪا تياري به نه ٿيل آهي. اڄ جي دور ۾ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته ماحول بابت جديد ٿيل ريسرچ مان فائدو حاصل ڪندي ان جي امڪاني خطرن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ تياري ڪئي وڃي. جيئن وقت سر اهڙن خطرن کي روڪڻ جي لاءِ اڳواٽ رٿابندي ممڪن ٿي سگهي.

انصاف جي ابتدا يا احتساب جي انتها؟

اعجاز منگي

تحريڪ انصاف ساڍن ٽن سالن ۾ ملڪ اندر انصاف لاڳو نه ڪيو پر گذريل ڏينهن انصاف لاڳو ٿيڻ ۾ هن جي چونڊ ضرور ڪئي. هاڻي ملڪ جي تاريخ ۾ پارٽين اندر جمهوريت جو جهنڊو جهولائڻ ۾ پي ٽي آءِ جي ان قرباني کي ياد ڪيو ويندو جيڪا هن پاڻ نه ڏني پر هن کان زوريءَ زبردستي ورتي ضرور وئي.

انٽرا پارٽي اليڪشن هن ملڪ ۾ ڪڏهن به ڪو حساس معاملو نه رهيو آهي. پاڪستان هن مهل تائين ڪنهن به رجسٽرڊ پارٽيءَ کان ان سلسلي ۾ سنجيدگيءَ سان پڇا نه ڪئي وئي هئي. ان ڪري اهو معاملو پارٽيءَ جي سربراهه يعني چيئرمين يا صدر تائين نه پر تنظيمي خانا پوريءَ لاءِ مقرر ٿيل جنرل سيڪريٽريءَ تائين به نه پهچندو هو ان لاءِ گهڻو ڪري سينٽرل ڪميٽيءَ جي ڪنهن سينئر اڳواڻ کي به تڪليف نه ڏني ويندي هئي. پارٽيءَ جي رڪارڊ کي قانوني طور تي "مينٽين" رکڻ لاءِ جيڪو ڪلارڪ ٽائيپ ڪردار هوندو هو اهو پارٽيءَ جا فائيل قيادت جي مرضيءَ مطابق ٺاهي رکندو هو پر هاڻي ائين نه ٿيندو چو ته تحريڪ انصاف مٿان انٽرا پارٽي اليڪشن ۾ قاعدن جو جيڪو قانوني استعمال ٿيو آهي ۽ جهڙي طرح عوامي سطح ملڪ جي مقبول پارٽي مٿي مهيني کان پوءِ ٿيندڙ اليڪشن ۾ پنهنجي مشهور چونڊ نشان کان محروم ڪئي وئي آهي. ان کان پوءِ هاڻي هر پارٽي تنظيم اندر چونڊ جي معاملي ۾ سنجيدگي جو مظاهرو ڪندي. حالانڪ اهو به عجيب الميو آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته جماعت اسلاميءَ کان پوءِ تحريڪ انصاف پاڪستان جي اها پارٽي رهي آهي، جنهن مثبت مثال قائم ڪرڻ جي لاءِ پارٽيءَ اندر هڪ حد تائين آزاد چونڊون به ڪرايون هيون. جيتوڻيڪ اهو واقعو نئون نه آهي پر جڏهن تحريڪ انصاف جي ڪپتان کي محسوس ٿيو ته پارٽيءَ اندر جمهوري سسٽم پيدا ڪرڻ سان تنظيم ۾ مقابلي ۽ ڪارڪردگيءَ جي حوالي سان ڇتاڇيتيءَ جو رجحان پارٽيءَ لاءِ بهتر ٿيندو ته هن اهو قدم به کنيو پر پوءِ اهڙا تجربا ڪرڻ بعد هو به سمجهي ويو ته هن جا ورڪر اڃان تائين ان قابل نه ٿيا آهن. جو انهن کي اهڙي مثالي جمهوريت آڇي وڃي. پر پارٽيءَ ۾ پنهنجي مرضي هلائڻ سان گڏ جيڪڏهن تنظيمي نظم ۽ ضبط جو ڪجھ نه ڪجھ مظاهرو ٿيندو هو ته اهو پ پ ۽ ن ليگ کان وڌيڪ ان پارٽيءَ اندر ٿيندو هو جنهن جي پهرين صف واري قيادت جيل ۾ ۽ ٻين صف واري قيادت ويل ۾ آهي.

انگلينڊ جي تمام ذهين عالم ۽ مفڪر پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب "مغربي فلسفي جي تاريخ" يعني (History of Western Philosophy) جي ابتدا ۾ لکيو آهي ته: هي ان دور جي ڳالهه آهي جڏهن "عقيدو سائنس خلاف هڪ هارائيندڙ جنگ وڙهي رهيو هو". ساڳي طرح سان تحريڪ انصاف جي قيدي توڙي آزاد قيادت کي به اهو احساس هجڻ کپندو هو ۽ شايد هو به ته هو سپريم ڪورٽ ۾ انتخابي نشان جي حوالي سان هڪ هارائيندڙ ڪيس وڙهي رهيا آهن پر ممڪن آهي ته "آخري بال" تائين کيڏڻ جو مقصد ان سسٽم کي بنه واٽ ڪرڻ هو جيڪو هن مهل تحريڪ انصاف کي احتساب جي ٽڪٽڪيءَ تي چاڙهي بيٺو آهي. هن وقت تحريڪ انصاف جي ڪوشش آهي ته هن مٿان جيڪي به سياسي ستم ٿين، سي ٿين ته جيئن عوام جي دل ۾ انهن لاءِ پيدا ٿيل همدرديءَ جو مقدار وڌي وڃي.

تحريڪ انصاف لاءِ همدرديءَ جو گراف مسلسل وڌي ته رهيو آهي پر هن وقت اها عوامي همدردي هن لاءِ ڪاميابيءَ بدران مشڪل صورتحال پيدا ڪرڻ جو سبب به بڻجي رهي آهي. چو ته جنهن جنهن ملڪ ۾ مشروط ۽ محدود جمهوريت جو نظام هلندڙ هوندو آهي، ان ملڪ ۾ لامحدود عوامي مقبوليت هڪ اهڙو عيب بڻجي ويندي آهي، جيڪو ملندڙ اقتدار جي راهه ۾ رڪاوٽ جو سبب بڻبو آهي. اهوئي سبب آهي ته اڄ پنجاب ۾ عوامي سپورٽ تلاش ڪندڙ پارٽي يعني پيپلز پارٽيءَ جي قيادت شعوري طور تي عوام بدران اسٽيبلشمينٽ سان ويجهو ٿيڻ واري پاليسيءَ تي عمل ڪيو هو ۽ ڪالهه تائين پاڻ کي نظرياتي سياسي اڳواڻ بڻائي پيش ڪندڙ ميان نواز شريف اڄ ساڳي گاڏيءَ ۾ سوار آهي، جنهن مان ڪڏهن هن کي لاٿو ويو هو.

پاڪستان ۾ مثالي يعني مغربي جمهوريت جو جهنڊو ڪا به پارٽي جهولائي نه ٿي سگهي، چو ته جمهوريت جي هن مهل تائين قبول ڪئي ويندڙ وصف جي مطابق "جمهوريت عوام جي، عوام پاران، عوام لاءِ" هڪ اهڙو نظام آهي، جيڪو معاشري سان گڏ وڌي ويجهي ٿو ۽ جيڪو طريقهءِ پيداوار کان وٺي ملڪ جي معاشي ۽ انتظامي سسٽم سان جڙيل آهي. هونءَ ته جمهوريت ۽ جاگيرداري يعني ڀوتاري ۽ سرداري سان پاڻ ۾ گڏ هلي نه ٿيون سگهن. چو ته پنهني جي ڪيفيت ۽ ڪيمسٽري نه رڳو مختلف پر متضاد به آهي. پر پاڪستان ۾ اهو فارمولو ڪڏهن به اليڪشني ۽ اقتداري فتح جو ڪارڻ بڻجي نه ٿو سگهي، چو ته هن ملڪ ۾ هاڻي مقبول پارٽي ان ماڻهوءَ کي ٽڪيٽ ڏئي ٿي، جنهن ماڻهوءَ جي کيسي ۾ نوٽ ۽ حلقي ۾ ووٽ هجن.

هن دور ۾ مقبول پارٽيون پاڻ کي مجبور بڻائي ويٺيون آهن ته ۽ هو به مشهور ۽ متحرڪ توڙي وفادار ورڪر کي پارٽي ٽڪيٽ ڏيڻ بدران اهڙي اليڪٽيبل (Electable) کي پنهنجي سياسي آغوش ۾ سمائڻ لاءِ تيار رهن ٿيون، جيڪو نه صرف اليڪشن جو خرچ کڻي پر پارٽيءَ کي فنڊ جي ٿالي ۾ ٽڪيٽ جي قيمت به ادا ڪري سگهي ۽ ان سان گڏ پاڻ کي جوڙ توڙ سان ڪامياب ڪرائڻ جو فن ۽ ڏن به رکندو هجي. اهوئي سبب آهي ته هن وقت پاڪستان جي پارلياماني سياست بنا پئسي ٿيڻ جو تصور ڪرڻ به پنهنجي مٿان خلق کلائڻ جو باعث قرار ڏنو وڃي ٿو جڏهن ملڪ ۾ مشروط نظام واري محدود اقتدار مٿان وڏيون پارٽيون متفق آهن ته پوءِ اهڙي دور ۾ عوامي هاٿين کي احتجاجي هندوستان ڏيکارڻ جي سزا ته هر صورت ۾ برداشت ڪرڻي پوندي. جڏهن ملڪ جا چڱا ڀلا ۽ نهايت نظرياتي فڪر ۽ نظر رکڻ وارا سياسي مبصر به اهڙيون ڳالهيون ڪن ته پوءِ "البرٽ پنٽو" جي ڪاوڙ ڪرڻ فطري عمل بڻجي وڃي ٿو پر پاڪستان ۾ اقتدار جي مسند تي ويٺل هر البرٽ پنٽو کي اهو علم به آهي ته هن ملڪ ۾ جمهوريت هڪ اهڙي اوٽ آهي، جنهن جي سهاري آمريت ڪنهن حد تائين لڪائي ويندي آهي ته پوءِ آمريت کي بنه واڪو ڪرڻ جو ڪم خطري کان خالي ڪئين ٿي سگهي ٿو؟

تحريڪ انصاف 9 مئي جي ڪارروائي ڪئي يا نه ڪئي، اهو هڪ الڳ بحث آهي ۽ ممڪن آهي ته ايندڙ وقت ان معاملي کي وڌيڪ واضح به ڪري پر ان حقيقت کان تحريڪ انصاف جا عمليت پسند (Pragmatic) اڳواڻ به انڪار نه ڪري سگهندا ته ڪپتان پنهنجي ٽيم کي ڀلي واضح هدايتون نه ڏنيون هجن پر پوءِ به غيرواضح انداز ۽ غير منظم اسٽائيل سان معاملو ان طرف وڌي ته رهيو هو جنهن جو ڀرپور مظاهرو 9 مئي جي ان ڏينهن ٿيو جنهن ڏينهن به تحريڪ انصاف جي قيادت تڪڙ ۾ اهڙي احتجاج کان لاتعلقي جو اظهار ڪرڻ بدران "ترسو ۽ ڏسو" واري پاليسي اپنائي. تحريڪ انصاف جي دل ۾ اسٽيبلشمينٽ کي دٻاءَ هيٺ آڻڻ واري خواهش ته منڍ کان وٺي هئي. اها الڳ ڳالهه آهي ته ان قسم جي باقاعده پلاننگ نه ڪئي وئي. پر پوءِ به جيڪو ڪجھ ٿيو اهو پاڪستان جهڙي ملڪ جي حساس قوت لاءِ برداشت ڪرڻ جهڙو عمل نه هو. اهوئي سبب آهي ته تحريڪ انصاف کي في الحال نه صرف اليڪشن پر پوري اقتداري سسٽم مان "آئوٽ" ٿيڻ جو واضح پيغام به پهچايو ويو آهي.

سياست ۾ انتظار تمام اهم ۽ بيحد ضروري معاملو قرار ڏنو ويندو آهي. تحريڪ انصاف منڍ کان وٺي تڪڙ جو مظاهرو ڪيو آهي. اها تڪڙ ان ڏينهن به ڪئي وئي، جنهن ڏينهن جو ڏنڊ هن مهل تائين ان پارٽيءَ کان ڀرايو پيو وڃي، جيڪا قيادت جي حوالي سان ته ڪٺوڪٺو ٿي چڪي آهي پر ان جو عوامي مقبوليت جو بنياد اڃا تائين مضبوط آهي، جو هن جا مخالف به ان حقيقت کي مڃڻ لاءِ مجبور آهن.

سپريم ڪورٽ جي گذريل ڏينهن واري ڪارروائيءَ ۾ جيڪي به موڙ ۽ مرحلا آيا، انهن مان ملندڙ پيغام سمجهڻ مشڪل نه آهي. جيڪڏهن رياست نه چاهي ته سياست اقتدار ۾ اچڻ جو صرف سعيو ئي ڪري سگهي ٿي. تحريڪ انصاف جي هن مهل پاليسي صرف ۽ صرف سسٽم مٿان پريشر وڌائڻ نه ته گهٽ ۾ گهٽ قائم رکڻ واري آهي. ڪوئي ڪجھ به چوي ۽ ملڪ جي ميڊيا کي محدود رکڻ لاءِ جيڪي به ڪوششون ڪيون وڃن پر سوشل ميڊيا جي سرڪش گهوڙي کي لغام ڏيڻ ايترو آسان ناهي. تحريڪ انصاف جي دائري ۾ ايندڙ جيڪي ماڻهو ۽ جيڪو مواد موجود آهي، اهو ڪٿڻ کان پوءِ به ان پارٽيءَ جي حيثيت کان انڪار ڪري نه ٿو سگهجي.

تحريڪ انصاف جي قيادت ۽ 9 مئي جي واقعي ۾ ملوث ڪارڪنن کي سزا ڏيڻ واري عمل سان اتفاق ڪرڻ کان پوءِ به تحريڪ انصاف وارو ماحول هڪ سياسي نبيري جي ڀرپور تقاضا ڪري رهيو آهي. پي ٽي آءِ کي ڀلي پاڪستان جي سڀ کان وڏي پارٽي طور تي تسليم نه ڪيو وڃي پر پهاڙن کان وٺي ميدانن ۽ سامونڊي ساحلن تائين پنهنجو نالو حوالو رکندڙ پارٽيءَ کي بليڪ بورڊ تي چاڪ سان لکيل ڪجھ لفظن وانگر ميساري ڇڏڻ نه ممڪن ناهي. هن مهل تحريڪ انصاف کي ملڪ خلاف بغاوت ڪرڻ کان وٺي انٽرا پارٽي اليڪشن تائين جن جن معاملن جي سزا ملي رهي آهي، ان ۾ ملڪ جي باقي سمورين سياسي پارٽين جي لاءِ هڪ سبق به آهي ۽ هڪ ڀرپور پيغام به! جڏهن ته تحريڪ انصاف جو جيڪو حصو جيل ۽ جيڪو حصو روپوشيءَ واري ويل کي ڀوڳي رهيو آهي، ان جو نيت به ته ڪو نبيرو ٿيندو. تحريڪ انصاف جنهن کي "جنون" ڪوٺي رهي آهي ۽ پي ٽي آءِ جا مخالف جنهن کي "جهالت ۽ بداخلاقي" قرار ڏئي رهيا آهن. ان معاملي مٿان جيترو دٻاءُ آهي، اهو دٻاءُ آخر ڪيترو وقت قائم رهي سگهندو؟ پاڪستان جي مخصوص سياسي ماحول ۾ پي ٽي آءِ جي نالي ۽ حوالي سان جيڪو به پريشر ڪٺو ٿي رهيو آهي، ان جو علاج مڪمل طور تي وقت جي حوالي ڪرڻ وارو عمل به حڪومت مخالف محسوس ٿي رهيو آهي. ايندڙ حڪومت پنهنجي مٿان ان سياسي دٻاءَ کي ڪيئن کلائيندي؟ ان سوال کان وڌيڪ اهم ۽ وقتائتو سوال اهو آهي ته انصاف جو شروع ٿيل اهو سلسلو پنهنجي مخصوص رفتار ۾ روان دوان رهندو يا احتساب جي ان پاڻيءَ چڙهڻ جو مقصد پي ٽي آءِ کي هڪ سياسي بيٽ ۾ تبديل ڪرڻ هو؟ صرف اسان جو ملڪ نه پر عالمي تاريخ به اهو ڏس ڏئي ٿي ته بيابان ۾ هر ڏڪ هڪ ڏڳ جو بنياد وجهندو آهي. تحريڪ انصاف مٿان آيل شامت ۾ ٻيون ڌريون به شامل ٿيڻ آهن. پوءِ اهي چاهين يا نه چاهين!!

هي آرٽيڪل پنهنجي اخبار جي ٿورن سان پيش ڪجي ٿو اداري جو هن آرٽيڪل جي مواد سان متفق هجڻ ضروري ناهي

ڪوئي ڪُهي سُپرين، ڪوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيٺان نِينهن جي، پاسي ڪرِ مَ پاڻُ؛
ڄَلُ، وِڃائي ڄاڻُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

سنڌيو ايندڙ وقت جي خطرن سان منهن ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو

ذوالفقار واهوچو

جڏهن رات گهري اونداهي ۾ وڪوڙ جي ويندي آهي ته ان کانپوءِ روشن صبح جا آثار ظاهر ٿيڻ شروع ٿي ويندا آهن. پاڪستان اندر غيرجمهوري ۽ غير آئيني قدم پنهنجي انتها تي پهچي چڪا آهن. هاڻ حقيقي سچي جمهوريت ۽ آئين جي بالادستي وارو دور اچڻ جا روشن امڪان نظر اچڻ پيا، سڀ ڪجھ ايڪسپوز ٿي ويو آهي. عدل ۽ انصاف نه ته ملڪي، سول، ملٽري ۽ جوڊيشل اشرافيا جو گٺ جوڙ اڳئي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اگهاڙو ٿي پيو آهي. هي سمجهن ٿا ته جبر سان، ڏاڍ سان عوام کي دٻايو ويندو، اها انهن جي ڀل آهي عوام هميشه جبر سان ۽ ڏاڍ سان هڪ هڪائي ڪئي آهي، خوف گهڻو وقت قائم نه رهي سگهندو. عوام جي وڏي اڪثريت جڏهن ان سڄي غير آئيني، غير قانوني ۽ غير اخلاقي رويي، طريقي ۽ عمل کي پرکهي ويندي ته هڪ جهٽڪي ۾ ان کي مليا ميٽ ڪري ڇڏيندي. عوام چاڪي جو ڏاند ناهي جنهن کي اکين تي ڪويا ٻڌي سڄي حياتي پيو گهائي ۾ هلائجي.

هن نظام جي خاتمي جو وقت اچي ويو آهي. عالمي، ملڪي ۽ ريجنل سياسي، معاشي ۽ سماجي حالتون ساڳيون نه رهيون آهن. اسرائيل ۽ فلسطيني جنگ جو دائرو وڌي پيو يمن، لبنان، ايران سميت ٻيا ملڪ به ان جي وڪڙ ۾ اچي رهيا آهن اهو سلسلو وڌي ويندو ته ٽين عالمي جنگ جو ماحول تيار ٿي ويندو، هيڏي پاسي اڳ ئي روس ۽ يوڪرين وچ ۾ جنگ جاري آهي ان يورپ جي معيشت، سياست، ڪاروبار ۽ سماجي زندگين تي اثر پڻ شروع ڪيا آهن. هوريان هوريان صورتحال خطرناڪ شڪل اختيار ڪندي پئي وڃي آها جنگ عالمي ٿي وئي ته ڪروڙين انسان جانيون وڃائي ويندا، ڪروڙين مستقل معذور ٿي ويندا، ملڪ جون معشيتون ختم ٿي وينديون. ڪيترا ملڪ دنيا جي گولي تان ميسارجي ويندا، ۽ ڪيترائي نوان ملڪ جنم وٺندا. بک، غربت، بدحالي، بي روزگاري سبب وڏا ڏڪار پيدا ٿيندا، ان ۾ به ڪروڙين انسان اجل جو شڪار ٿيڻ جا امڪان آهن.

ماحولياتي تباهي پڻ ان ويڙهه ۾ پنهنجو حصو ملائيندي، اهي سڀ تباهيون، برباديون هڪ ٿي وقت جنم وٺنديون انهن کي سنڀالڻ ڪنهن جي وس ۾ نه رهندو هر طرح جنگ، جهيڙي ۽ ڦرمار جو راڄ هوندو انهن حالتن ۾ اسان جهڙا ڪمزور ملڪ پنهنجو وجود ڪيئن بچائيندا. ڪا امڪاني جاگرافيائي تبديلي اچي ٿي ته ان سان سنڌ ۽ پاڪستان جا ماڻهو ڪيئن منهن مقابلي ڪندا، ان لاءِ ڪهڙي تياري آهي، اهڙا ٻيا انيڪ سوال آهن جيڪي بحث هيٺ اچڻ گهرجن ۽ انهن جا حل اڳواٽ ڳوليل هجن ته جيئن ڪنهن وڏي الميي کان بچي سگهجي. سنڌ گذريل هڪ هزار سالن کان مسلسل جنگ، جبر، ڦرلٽ، جهالت ۽ بي سمجهي جو شڪار آهي، هن وقت تمام گهڻي هيٺي آهي، ماريل، ستايل، ڦريل ۽ لتاڙيل آهي، زخمي آهي اڌ مئي ٿيل آهي. بي ستي نيم بي هوشي ۾ آهي ان کي ڪيئن تندرست ڪجي، ڪيئن نئون بڻو ڪجي ان لاءِ اسان وٽ ڪهڙي رٿابندي آهي، ڪهڙي تدبير ۽ حڪمت عملي آهي. ان کان قوم کي باخبر هجڻ گهرجي.

پاڪستان جون موجوده حالتون جمهوريت کي ڏينهن به ڏينهن ڪمزور ڪري رهيون آهن آئين ۽ قانون کي بي آبرو ڪري عوام ۾ اهو احساس پيدا ڪيو وڃي ته اوهان جي ڪا به اهميت ناهي، اوهان تي رڳو حڪمراني ڪرڻي آهي ۽ مخصوص اشرافيائي ٽوراٽي جي پالنا لاءِ اوهان کي رکيو پيو وڃي، اهو سلسلو ڪنهن به ريت گهڻو وقت هلي نه سگهندو. ڪوڙ ڪوڙ هوندو آهي اهو عارضي طور سچ کي دٻي سگهي ٿو پر مستقل شڪست نٿو ڏئي سگهي، چاڪاڻ ته ڪوڙ ۾ ڪا وڏي سگهه نه هوندي آهي. اهو پنهنجي افعالن جي ڪري پاڻهي غرق ٿي ويندو آهي. پاڪستان اندر لياقت علي خان کانپوءِ ڪو به سول حڪمران بااختيار، خودمختيار نه رهيو آهي اهو اسٽيبلشمينٽ سان گٺ جوڙ ڪري ايندو آهي پوءِ ٽنگوٽالي ڪري ڪرسي تان رسوا ڪري لاٿو ويندو آهي، ڦاهي چاڙهيو ويندو آهي، ماريو ويندو آهي، جلاوطن ڪيو ويندو آهي، جيلن ۾ واڙيو ويندو آهي چاڪاڻ ته اهو عوام جي طاقت بدران اسٽيبلشمينٽ جي ڪلهن تي چڙهي ايندو آهي ان جي مفادن کي پورو نه ڪندو آهي ته ان کي ذليل ڪري عوام اڳيان گندو ڪري لاٿو ويندو آهي. هاڻ اها راند عوام سمجهي ويو آهي. عوام پنهنجي اصل حقيقي قيادت ۽ اتحاد جي تلاش ۾ آهي جيئن ان کي ماحول ملندو اهو هڪدم اهي ڪسيل واڳون وراڻڻ لاءِ ميدان تي اچي ويندو

سنڌ جي عوام کي وڏي خبرداري سان، چوڪسي سان پنهنجي قومي وسيلن ۽ مفادن جي نگهباني ڪرڻي پوندي، هي وقت تمام سنڀالي هلڻ جو آهي، هتي جيڪو نظر اچي ٿو اهو ناهي هوندو. پردي پويان اصل فلم هلي رهي هوندي آهي اسان رڳو سامهون ٻيا ٽيلر پيا ڏسندا آهيون، اصل فلم اها آهي ته سنڌين کان زمين کسي پئي وڃي، وطن ۾ ٽوراٽي ۾ تبديل ڪيو پيو وڃي، وسيلن تي ڌارين جو قبضو ڪرايو پيو وڃي. درياهه تي بند ٻڌا پيا وڃن. نوان ڪينال ٺاهي پاڻي بند ڪيو پيو وڃي. اسان کي ڌاڙيلن، ڪريٽ ڪامورن ۽ سياستدانن حوالي ڪيو ويو آهي، ان ڳالهه کي سمجهڻ جي سخت ضرورت آهي. تنهن ڪري سنڌين کي ايندڙ وقت جي خطرن ۽ چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ تياري ڪرڻ گهرجي.

بقايا *** 01

ورتي وڃي، اوهان (عدالت) جي 13 جنوريءَ واري فيصلي سان اسان جون 230 کان وڌيڪ سيٽون کسجي ويون. لطيف کوسي اهو به چيو ته اوهان حڪم ڏئي سگهو ٿا، اسان اوهان جي عدالت ۾ هي ڪيس نٿا وڙهڻ چاهيون. جنهن تي چيف جسٽس چيو ته اسان جو فيصلو مڃيو يا نه مڃيو اوهان جي مرضي. لطيف کوسي چيو ته اوهان پي ٽي آءِ جي فيلڊ ئي کسي ورتي، اليڪشن ڪميشن رڳو چونڊ نشان واپس وٺي سگهي ٿو هڪ پارٽي کي پارليمان مان ٻاهر ڪري پابندي لڳائي پئي وڃي، پي ٽي آءِ جا سڀ اميدوار آزاد حيثيت ۾ چونڊ وڙهندا ۽ مونجهاري جو شڪار ٿيندا. جسٽس مسرت هلالي پڇائو ڪيو ته ڇا اوهان کي لڳي ٿو ته چونڊون شفاف نه آهن؟ جنهن تي لطيف کوسي جواب ڏنو ته چونڊون بلڪل غير منصفاڻيون آهن. اسان عدالتيا لاءِ رت ڏنو قربانيون ڏنيون. سپريم ڪورٽ، پي ٽي آءِ طرفان ليول پليئنگ فيلڊ نه ملڻ تي اليڪشن ڪميشن خلاف توهين عدالت جي درخواست واپس وٺڻ جي بنياد تي اڪلائي ڇڏي.

بقايا *** 02

ڪردار پنهنجي انجام تي پهچي رهيو آهي. اوڪاڙا ۾ نون ليگ جي چونڊ جلسي کي خطاب ڪندي مريم نواز چيو ته نواز شريف نه پر قدرت جو نظام ظالمن کان انتقام وٺي رهيو آهي. قدرت پاڻمرادو نوٽيس ورتو آهي. هن چيو ته پي ٽي آءِ جو چونڊ نشان بيٽ نه پر اهو ڏنڊو هو جيڪو هن هٿ ۾ پڪڙي غريب عوام تي وسايو. ان ئي ڏنڊي سان فوجي ڇانوڻين تي حملا ڪيا ويا تنهنڪري هڪ دهشتگرد جماعت کي سياسي جماعت جو نشان نٿو ملي سگهي. سندس چوڻ هو ته جيڪو ظالم کي اڄ منهن لڪائڻ پئجي رهيو آهي. ڪڏهن پلستر چاڙهائي ڪڏهن وهيل چيئر تي ويهي ڊراما ڪندو آهي. ٻين کي چورچور چوڻ واري گهڙي به نه ڇڏي تنهنڪري سندس چونڊ نشان چوري ٿيل گهڙي هـئـڻ گـهـرجـي هن وڌيڪ چيو ته جيتري مضبوط حڪومت نواز شريف کي ملندي، اوترو بهتر سهولتون عوام کي ڏنيون وينديون.

بقايا *** 03

بيڪري لاهور جي آهي جتي وگوڙي پوليس تي حملو ڪندي واضح نظر اچي رهيا آهن. وڊيو ۾ اهو به ڏسي سگهجي ٿو ته ڪيئن مخصوص پارٽي جي وگوڙي ٽولي پوليس مٿان پٿراءُ ڪيو ۽ پرامن پوليس اهلڪارن کي جوابي ڪارروائي ڪرڻ تي مجبور ڪيو ويو. ڊيوٽي تي موجود پوليس اهلڪارن تي ڏنڊا بردارن جو حملو مخصوص پارٽي جي پرامن احتجاج جي وڏو سواليه نشان آهي؟. وگوڙين طرفان پوليس اهڪارن تي ڏنڊن ۽ ٻڙن سان حملو ڪرڻ ڪنهن به صورت ۾ معافي جوڳو ناهي؟. اهڙن وگوڙي عنصرن خلاف سخت ۽ فوري ڪارروائي وقت جي ضرورت آهي.

بقايا *** 04

مشوري سان 8 فيبروري تي پولنگ جي تاريخ جو اعلان ڪيو. اليڪشن ڪميشن جي خط ۾ چيو ويو آهي ته امن امان جي صورتحال يقيني بڻائڻ لاءِ نگران حڪومتن کي هدايتون جاري ڪيون آهن. اليڪشن ڪميشن خط وڌيڪ چيو ويو آهي ته سپريم ڪورٽ ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ته 8 فيبروري تي عام چونڊون ڪرائينداسين، ماضي ۾ عام چونڊون ۽ مقامي حڪومتن جي چونڊون سياري جي موسم ۾ ٿينديون رهيون آهن. تنهنڪري هن مرحلي تي اليڪشن ملتوي ڪرڻ مناسب مشورو ناهي ۽ هن وقت عام چونڊون ملتوي

نٿيون ڪري سگهجن. واضح رهي ته پنج جنوري تي سينيٽر دلاور خان سڀ کان پهرين عام چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو ٺهراءُ سينيٽ ۾ پيش ڪيو هو جنهن کي ايوان اڪثريت راءِ سان منظور ڪيو قرارداد جي منظوري وقت سينيٽ ۾ 14 سينيٽرز موجود هئا. ان کانسواءِ فاٽا سان واسطو رکندڙ آزاد سينيٽر بلال الرحمان به اٺ فيبروريءَ تي شيڊيول چونڊون ملتوي ڪرائڻ لاءِ هڪ ٻيو ٺهراءُ سينيٽ جمع ڪرايو ويو هو.

بقايا *** 05

ورتيون. داخل ڪيل درخواستن ۾ موقف اختيار ڪيو ويو آهي ته نو مئي وارن واقعن دوران عمران خان گرفتار هو ۽ ڪنهن مظاهري ۾ موجود نه هيو. پي ٽي آءِ باني کي سياسي انتقام طور ڦاسايو ويو درخواستن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته اڳوڻو وزيراعظم سمورن ڪيسن ۾ جسماني ريمانڊ ڀوڳي چڪو ۽ 5 مهينن کان جيل ۾ آهي. دهشتگردي ڪورٽ عدالت 17 جنوري تي تمام ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪندي لاڳاپيل ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا.

بقايا *** 06

ٽربيونل جي فيصلي خلاف آئيني درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو چيف جسٽس عقيل احمد عباسي پڇاڻو ڪيو ته ٻنهي تي ڇا اعتراض لڳايو ويو آهي؟ ڇا ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا کي ڊفالٽر ظاهر ڪيو ويو آهي؟ درخواست يع وڪيل موقف ڏيندي ٻڌايو ته ٻنهي ڪو ذاتي نالي تي قرض ناهي ورتو. مرزا اينڊ ڪمپني شگر ملز جي نالي تي قرض ورتو ويو هو هن ڪمپني ۾ رڳو 9 سيڪڙو شيئر فهميدا مرزا جا آهن ۽ 3 سيڪڙو شيئر ڊاڪٽر ذوالفقار مرزا جا آهن. درخواست گذار جي وڪيل ٻڌايو ته ذوالفقار مرزا صوبائي اسيمبلي جي هڪ صوبائي اسيمبلي جي ٽن سيٽن تان اميدوار آهي. فهميدا مرزا قومي اسيمبلي جي اين اي 223 تان جي ڊي اي جي اميدوار آهي. رٽرننگ آفيسر ذوالفقار مرزا جي پي ايس 70.71 ۽ 72 تان به نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا هئا. اليڪشن ٽربيونل به رٽرننگ آفيسر جو فيصلو برقرار رکيو.

بقايا *** 07

سان ڳالهيون ڪندي هن چيو ته پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جنهن تي عوام جو ڀروسو آهي. اسان کي ويجهڙ ۾ چونڊون ٿينديون نظر اچي رهيون آهن. پيپلز پارٽي جي چونڊ مهم ڪافي وقت کان جاري آهي. پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جنهن کي عوام جو ڀروسو حاصل آهي. هن چيو ته پراڻا سياستدان نفرت ۽ ورهاست جي سياست ڪري رهيا آهن. ورهاست ۽ نفرت جي سياست هاڻ نه هلندي. اڳوڻي گهرو وزير چيو ته مسلم ليگ(ن) سياسي مقابلو نٿي ڪرڻ چاهي اها سياسي مخالفن کي پچ تان ئي آئوٽ ڪرڻ چاهي ٿي، هن وقت ملڪ ۾ ٻن پارٽين تير ۽ شينهن جو مقابلو آهي. اميد آهي عوام تير جو ساٿ ڏيندو. بلاول ڀٽو هڪ دفعو ٻيهر تنقيد ڪندي چيو ته پراڻا سياستدان نفرت ۽ ورهاست جي ڳالهه ڪري رهيا آهن جڏهن ته پيپلز پارٽي اها واحد پارٽي آهي جيڪا عوام تي ڀروسو ڪندي آهي. عوام نئين سياست ۽ نئين سوچ جو ساٿ ڏئي.

بقايا *** 08

ڀٽو ٿر ڪول منصوبو شروع ڪيو ۽ مسلم ليگ ن بند ڪيو ليگي قيادت گهرن ۾ ويٺل آهي ۽ ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ڪراچيءَ ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مسلم ليگ نون وارا اڃا تائين گهر ۾ ويٺا آهن ٻاهر ناهن نڪري رهيا. جيڪو ڪم ناهي ڪيو مسلم ليگ نون وارا ان جو ڪريڊٽ کڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. سندس چوڻ هو ته ن

ليگ وارا ايتمي طاقت جو ڪريڊٽ به کڻي رهيا آهن، شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ملڪ کي ايتمي طاقت ڏني. جيڪڏهن ڪم نه ڪيو هجي ان جو ڪريڊٽ کڻڻ دوکي بازي آهي. پ پ اڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ن ليگ وارا ٿرڪول پراجيڪٽ کي به پنهنجي ڪمن ۾ شامل ڪري رهيا آهن. دنيا کي خبر آهي ته بينظير ڀٽو ٿر ڪول منصوبو شروع ڪيو ۽ مسلم ليگ ن بند ڪيو هن چيو ته اوهان عوام کي بيوقوف بڻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو. ن ليگ جيڪي به چار روڊ پنهنجي پاڙي ۾ ٺاهيا آهن انهن جو ذڪر ڪري، شڪر آهي اهو ڪريڊٽ اوهان نه کنيو ته پاڪستان به اوهان ٺاهيو هو اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پيپلز پارٽي واحد پارٽي آهي جيڪا اليڪشن ۾ وڃڻ لاءِ سنجيده آهي، تحريڪ انصاف ۽ مسلم ليگ نون اليڪشن کان ڀڄي رهيا آهن. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته پي ٽي آءِ ۽ ن ليگ جي معاشي پاليسي سبب معيشت تباهه ٿي، 16 مهينن ۾ مسلم ليگ نون جي پاليسي سبب معيشت جو ٻيڙو ٻڏي ويو پ پ اڳواڻ شرجيل انعام ميمڻ چيو ته هن وقت اليڪشن ۾ مقابلو لاڏالو هڪ ۽ لاڏالو 2 ۾ آهي. هر سياسي پارٽي کي چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺڻ جي اجازت هئڻ گهرجي. چوڻ هو ته تحريڪ انصاف جو باني بدلي جي باهه ۾ جيل ۾ آهي جڏهن ته نواز شريف بدلي جي باهه ۾ سياست ڪري رهيو آهي. پ پ چيئرمين اهڙي پراڻي طريقي جي سياست جو خاتمو چاهي ٿو پ پ اڳواڻ ۽ اڳوڻي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪجهه ماڻهن کي هاڻي تحريڪ انصاف جي باني تي رحم اچڻ شروع ٿي ويو آهي، اڄ ماڻهن کي پي ٽي آءِ باني معصوم نظر اچي رهيو آهي. ملڪ جو عوام چاهي ٿو ته مسئلا حل ڪيا وڃن ماڻهن جا مسئلا حل ڪير ڪندو

بقايا *** 09

کي چوڻ چاهيان ٿو ته جيڪڏهن اڄ مون کي پوليس گرفتار ڪيو ته جيل مان چونڊون وڙهندس. اسان پنڊي جي پڳ تي داغ لڳڻ نه ڏنو هاڻ ووٽ ڏيڻ اوهان جو ڪم آهي. هن چيو ته 8 فيبروري تي ٻن تڪن تان اڪثريت سان کٽينداسين. راولپنڊي جي ماڻهن کي انهي ڳالهه جو احساس آهي ته خدمت ڪهڙي شيءِ جو نالو آهي ۽ ڪنهن ڪئي آهي. شيخ رشيد چيو ته عوام کي مهانگائي ۽ بيروزگاري جي جهنم ۾ اڇلايو ويو آهي جنهن جو بدلو وٺڻ لاءِ نڪتا آهيون. هڪ شيءِ ڪليئر ڪرڻ چاهيان ٿو ته مون ڪڏهن به ڪنهن جي خلاف پريس ڪانفرنس ناهي ڪئي. ڪڏهن به ڪنهن جي خلاف ڪجھ نه چيو نه ئي وري چوندس.

بقايا *** 10

مسلم ليگ ن جي پي ايس 27 جي اميدوار حاجي امين مانا جي اليڪشن ٽربيونل جي فيصلي جي خلاف درخواست رد ڪري ڇڏي، عدالت آزاد اميدوار محمد فاروق جي به اليڪشن ڪميشن جي فيصلي جي خلاف درخواست رد ڪري ڇڏي. رٽرننگ آفيسر مسلم ليگ ن جي پي ايس 88 تان اميدوار حاجي اميدن ماتا جي به اليڪشن ٽربيونل جي به اليڪشن ٽربيونل جي فيصلي جي خلاف درخواست رد ڪري ڇڏي، عدالت آزاد اميدوار محمد فاروق جي به اليڪشن ڪميشن جي فيصلي جي خلاف درخواست رد ڪري ڇڏي. رٽرننگ آفيسر مسلم ليگ ن جي اميدوارن جي لاڳاپيل تڪ تان تجويز ڪندڙ تائيد ڪندڙ نه هجڻ تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا هئا. اليڪشن ٽربيونل تي رٽرننگ آفيسر جي فيصلي کي برقرار رکيو آهي.

بقايا *** 11

ٻڌايو ته بلدياتائون سيڪٽر فور ڊي ميمڻ سوسائٽي ۾ پارڪ ۾ تجارتي سرگرميون جاري آهن. درخواست گذار جي وڪيل چيو ته قانون مطابق رفاعي پلاٽ تي تجارتي سرگرميون نٿي سگهن. درخواست گذار جي وڪيل ٻڌايو ته پلاٽ تي اهڙيون سرگرميون جاري آهن جن جي ڪري عورتن جو اتي وڃڻ ڏکيو ٿي ويو آهي، پارڪ ۾ انٽري ۽ پارڪ جي فيس وصول ڪرڻ به قانون جي خلاف آهي. عدالت ڪي ايم سي سميت ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 16 فيبروري تي ڌرين کان جواب گهري ورتو.

بقايا *** 12

اڪرم راجا ذريعي اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ داخل ڪئي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته عدت ۾ نڪاح جو ڪيس نٿو بڻجي. ٽرائل ڪورٽ کي به ڪيس ٻڌڻ جو اختيار نه آهي. رپورٽ موجب پي ٽي آءِ باني عمران خان جي گهر واري بشريٰ بي بي عدت دوران نڪاح جو ڪيس اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ چيلينج ڪري ڇڏيو آهي، ان حوالي سان وڪيلن طرفان ڪيس کي اڄ ئي ٻڌڻ جي لاءِ مقرر ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. بشريٰ بي بي طرفان داخل ڪيل درخواست ۾ استدعا ڪئي وئي آهي ته ايڊيشنل

سيشن جج ايسٽ جو 11 جنوري جو فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو وڃي. بشريٰ بي بي ۽ سندس قانوني مڙس جي خلاف درخواست بدنيتي تي ٻڌل آهي. درخواست ۾ عدالت کان استدعا ڪئي وئي آهي ته عدت دوران نڪاح ڪيس کي رد ڪرڻ جو حڪم ڏنو وڃي ۽ هن درخواست جي ٻڌڻي هيٺ رهڻ تائين ٽرائل ڪورٽ جي ڪارروائي کي به روڪيو وڃي. درخواست ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته اڳوڻي مڙس خاور مانيڪا بدنيتي جي تحت شڪايت داخل ڪئي. ڪوڙي ۽ هٿ ٺوڪيل دستاويزن جي آڌار تي عدت ۾ نڪاح جو ڪوڙو الزام لڳايو ويو اڳوڻي مڙس موجب هن مون کي 14 نومبر 2017 تي طلاق ڏني، خاور مانيڪا 15 اپريل 2017 تي 3 ڀيرا زباني طلاق ڏني هئي. جنهن کان پوءِ آگسٽ 2017 ۾ مان پنهنجي والده جي گهر منتقل ٿي وئي هئس. پهرين جنوري 2018 تي پي ٽي آءِ باني سان شادي ٿيڻ تائين والده جي گهر ترسيل هئس.

بقايا *** 13

ڪيس ۾ سنڌ چائلڊ ڪيئر کي ڪانٽريڪٽ تي ملازمن جي ڀرتين جي مشروط اجازت ڏئي ڇڏي. سيسي بئريسٽر صلاح الدين جي ذريعي ايم ڪيو ايم جي سول سوٽ جي خلاف درخواست داخل ڪري ڇڏي. بئريسٽر صلاح الدين احمد موقف ڏيندي ٻڌايو ته ايم ڪيو ايم جي صوبي ۾ مقررين تي پابندي بابت درخواست ٻڌڻي جوڳي ناهي. خارج ڪئي وڃي. ايم ڪيو ايم جو وڪيل فروغ نسيم پيش نه ٿيو جونيئر وڪيل ٻڌايو ته فروغ نسيم سپائي تائين موڪلن تي آهي. جسٽس ظفر راجپوت ريمارڪس ڏيندي چيو ته اسان ايندڙ هفتي کان ڪيس جي باقائدي ٻڌڻي شروع ڪري رهيا آهيون. فروغ نسيم ايڊووڪيٽ پيش نه ٿو ٿئي ان جو ايسوسيئيٽ پيش ٿي ٻين ڌرين جا دليل نوٽ ڪري. مختلف کاتن ۾ ملازمن جي مقررين جو معاملو آهي. هاڻي ڪيس هلائڻو پوندو عدالت سنڌ چائلڊ ڪيئر کي ڪانٽريڪٽ تي ملازمن جي ڀرتين جي مشروط اجازت ڏئي ڇڏي. عدالت سنڌ چائلڊ هيلٿ ڪيئر تحت ٽن وڏين اسپتالن ۾ 200 کان وڌيڪ ملازمن جي ڀرتين جي اجازت ڏئي ڇڏي، عدالت محڪمانه ڊاڪٽرز ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف جي ڀرتين لاءِ اخبارن ۾ اشتهار شايع ڪرڻ جي به اجازت ڏئي ڇڏي عدالت ڌرين کان 22 جنوري تائين دليل گهري ورتا.

بقايا *** 14

بيان تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته محترم بينظير ڀٽو جي وصيت اسان لاءِ مقدس دستاويز ۽ مشعل راهه آهي. هڪ بيان ۾ سينيٽر وقار مهدي چيو آهي ته پاڪستان پيپلزپارٽي ڪروڙين عوام جي مقبول جمهوري سياسي پارٽي آهي. حافظ نعيم جي جماعت اسلامي مولانا محدودي جي بيانيي کي ڇڏي چڪي آهي. هن چيو ته پيپلزپارٽي جي باني شهيد ڀٽو ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻايو ۽ گڏيل دستور ڏنو وقار مهدي چيو ته جماعت اسلامي نام نهاد جهاد جي دلاسي ۾ ٻين جا ٻار مارائي پنهنجن ٻارڙن کي آمريڪي گرين ڪارڊ ڏياريا.

بقايا *** 15

ٽي آءِ باني جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ خلاف اپيل تي ٻڌڻي لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس علي باقر نجفي جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ ڪئي جنهن ۾ عمران خان طرفان عزيز ڀنڊاري ايڊووڪيٽ پيش ٿيو وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته پي ٽي آءِ جي باني قومي اسيمبلي جي تڪ اين اي 122 لاهور ۽ 89 ميانوالي تان چونڊن جي لاءِ نامزدگي ڪاغذ جمع ڪرايا آهن. ٻنهي جڳهه جمع ڪرايل نامزدگي ڪاغذن ۾ توشه خانه جو الزام ساڳيو آهي. اين اي 122 ۾ تائيد ڪندڙ جو تڪ نه هجڻ جو الزام لڳايو ويو. قانون موجب 2 سال سزا تي نامزدگي ڪاغذ رد ڪري سگهجن ٿا. عدالت ۾ دليل ڏيندي وڪيل وڌيڪ چيو ته اين اي 89 ۾ توشه خاني جي سزا کان علاوه ٻيو ڪو به الزام نه آهي. توشه خاني ۾ سزا بي بنياد جواز ڄاڻائي ٻڌائي وئي. عدالتي فيصلن ۾ بي بنياد شين جي ڪا به تشريح موجود نه آهي. عدالت اليڪشن ڪميشن جي وڪيل کان پڇائو ڪيو ته ڇا درخواستگذار کي بنا ڪنهن جواز جي سزا ٻڌائي وئي؟ ڪيتري سزا ٻڌائي وئي. جنهن تي اليڪشن ڪميشن جي وڪيل جواب ڏنو ته انهي معاملي تي عدالت جي مدد ڪندس. درخواستگذار کي 2 سزائون ٻڌايون وين آهن. پي ٽي آءِ باني جي وڪيل چيو ته ريٽرننگ آفيسر (آر او) ۽ اپيليٽ ٽربيونل توشه خاني جي دليلن تي ڀاڙيو آهي. جنهن کان پوءِ عدالت عمران خان جا نامزدگي ڪاغذ رد ڪرڻ تي اليڪشن ڪميشن کي سپائي جي لاءِ نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو.

بقايا *** 16

نقصان نه ٿيو. تفصيل مطابق سومر جي صبح ڪراچي کان لاهور ويندڙ شاليمار ايڪسپريس صبح 7 لڳي 51 منٽن تي جڏهن شاليمار ايڪسپريس 45 ڪلوميٽر جي رفتار تان قاسم ٽائون بادل نالي وٽ پهتي ته ان جا 3 گاڏا پٽڙي تان لهي ويا. جڏهن ته ريلوي آفيسرن مطابق حادثي سبب ريلوي آپريشن معطل ڪيو وي. حادثي جي اطلاع تي فوري طور رليف آپريشن شروع ڪيو ويو. شاليمار ايڪسپريس جي مسافرن کي رليف ٽرين جي ذريعي ڪراچي جي ڪينٽ اسٽيشن منتقل ڪيو ويو. متاثر مسافرن کي ڪراچي ايڪسپريس جي ذريعي لاهور روانو ڪيو ويندو. حادثي کان متاثر ٽريڪ جي بحالي جو ڪم شروع ڪيو ويو حادثي جي اٽڪل اڍائي ڪلاڪن کان پوءِ ڪراچي کان روانو ٿيندڙ عوامي ايڪسپريس ۽ هزارا ايڪسپريس کي ڊائون ٽريڪ تان روانو ڪري ٽريڪ آپريشن مڪمل طور تي بحال ڪيو ويو ذريعن موجب بن قاسم ويجهو ٿيندڙ ٽرين جو هي ٽيون حادثو آهي.

بقايا *** 17

جي موت تي آءِ جي رفعت مختار راجا، ايس آءِ يو پوليس جي ايس ايس پي خلد مصطفيٰ ڪورائي کي هٽائي ڇڏيو آهي. خالد مصطفيٰ ڪورائي کي سينٽرل پوليس آفيس رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي. جڏهن ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي خادم حسين رند ايس آءِ يو جي ڊي ايس پي سعيد احمد رند ۽ ايس ايڇ او سيد عتيق حسين شاهه کي عهدن تان معطل ڪري بدلي به ڪيو ويو آهي. ايس ايڇ او کي گارڊن پوليس هيڊ ڪوارٽر ۾ جڏهن ته ڊي ايس پي کي ڪراچي پوليس آفيس رپورٽ ڪرڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. پوليس ذريعن مطابق جوابدارن نظام الدين جي تحويل ۾ موت جي الزام ۾ اي ايس آءِ ساجد ۽ شاداب کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جوابدارن کي 12 جنوري تي منگهو پير ۾ ان جي گهر مان تحويل ۾ ورتو ويو هو پوليس پاران جوابدارن کي هٿڪڙي هئي ان جي گهر جي تلاشي به ورتي وئي هئي. ايس آءِ يو سينٽر ۾ جاچ دوران جوابدار پوليس جي مبينا تشدد ۾ فوت ٿي ويو هو پوليس اهلڪارن مجرماڻي غفلت ڪندي واقعي کي لڪايو ۽ حراست ۾ ورتل نظام الدين جو لاش منگهو پير ۾ ان جي گهر ويجهو اڇلائي ڇڏيو شروعاتي جاچ دوران ڏوهه ثابت ٿيڻ تي آءِ جي سنڌ ۽ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي ڪارروائي ڪئي. پوليس جي خلاف

بقايا *** 18

نيويارڪ نيو جرسي ۽ ڪنيڪٽي ڪٽ جي مختلف علائقن ۾ تيز برفباري ۽ طوفاني برسات کان پوءِ ٿڌ ۾ واڌ ٿي وئي. سخت ٿڌ جي موسم ۾ مختلف هنڌن تي 50 ملي ميٽر کان وڌيڪ برسات رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته برطانيه ۾ طوفان ۽ برسات سبب هزارين گهر بجلي کان محروم ٿي ويا. ڪيترين ئي رياستن ۾ گرمي پد ڪاٿو کان هيٺ ڪري پيو ٻئي پاسي ڪينيڊا ۾ به ٿڌ جي لهر جاري آهي، ڪينيڊا جي صوبي البرٽا جي شهر ايڊمنٽن ۾ ٿڌ جو 50 سالن جو رڪارڊ ٽٽي پيو آهي، ايڊمنٽن ۾ ٿڌي هوائن سان گرمي پد ڪاٿو 53 ڊگري رڪارڊ ڪيو ويو ٿڌي موسم سبب ڪيترين ئي فلائيٽن پڻ متاثر ٿي ويون. رڪارڊ ٿڌي موسم سبب اختيارين شهرين کي غيرضروري گهرن کان ٻاهر نه نڪرڻ جي هدايت ڪري ڇڏي آهي. ٻئي طرف هلندڙ هفتي جمائيندڙ سيءُ جي ٿڌي موسم برطانيه کي به پنهنجي وڪڙ ۾ آڻي ڇڏيو آهي. برطانوي موسميات کاتي موجب اسڪاٽش باني لينڊز ۾ گرمي پد ڪاٿو 10 ڊگري تائين ڪرڻ جو امڪان آهي جڏهن ته اربع تي لنڊن ۾ به برفباري جي اڳڪٽي ڪئي وئي آهي. اڱاري لاءِ موسميات کاتي سموري اسڪاٽ لينڊ، انگلينڊ ۽ ويلز جي ڪجھ حصن لاءِ برفباري ۽ تيز ٿڌين هوائن جي اڳڪٽي ڪري ڇڏي آهي. سخت ٿڌي موسم ۽ برفباري سبب مختلف علائقن ۾ ٽريفڪ، ريل ۽ فضائي سفر ۾ به پريشانين جو امڪان ظاهر ڪيو ويو آهي.

بقايا *** 19

بلاول ڀٽو زرداري سان گڏ پ پ عورتن جي مرڪزي صدر فريال ٽالپر کي شهيدن جي مزارن تي حاضري ڏني. ان موقعي تي هن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو، شهيد بينظير ڀٽو، مادر جمهوريت بيگم نصرت ڀٽو، مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ مير شاهنواز ڀٽو جي مزارن تي فاتح پڙهي ۽ گل به رکيا. ان موقعي تي هن ملڪي سلامتي ۽ معاشي استحڪام لاءِ به دعائون به ڪيون

بقايا *** 20

۽ چئن ڦورن هٿيارن جي زور تي مسافرن کان ڦرلٽ ڪئي. اهڙو واقعو سوا 4 وڳي پيش آيو جڏهن ته آفيسن مان واپسي جو وقت هوندو آهي. مسافرن ۾ نجي ٽي وي جو ڪيمرا مين علي حيدر سنديلو پڻ موجود هو جيڪو ڊيوٽي بعد گهر واپس وڃي رهيو هو هٿياربندن کانئس موبائيل فون ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري ورتو ۽ سولائي سان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. خيال رهي ته شاهراهه فيصل ڪراچي جو اهم روڊ آهي جتي پوليس ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جا اهلڪار پيٽرولنگ پڻ ڪندا رهندا آهن پر تنهن هوندي به بس مان ڦر جي واردات قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي تي سواليا نشان آهي. متاثرن مطالبو آهي ته پوليس تحرڪ وٺي ۽ ڦورن کي گرفتار ڪري ڦر ڪيل سامان واپس ڪرايو وڃي.

بقايا *** 21

ليگ(ن) جي پي ايس 76 تان اميدوار معشوق علي اليڪشن ٽربيونل جي فيصلي خلاف سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ درخواست ڏني هئي. ٻڌڻي دوران چيف جسٽس عقيل احمد عباسي ريمارڪس ڏنا ته ضابطا پورا ناهن ڪيا ويا ته ڪيئن چونڊ وڙهڻ جي اجازت ڏيون؟ سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس اميدوار کان پڇائو ڪيو ته ڪنهن جا فرنٽ مين آهيو؟ ڪير آهيو ڪنهن سان مقابلو ڪندا؟ جنهن تي اميدوار معشوق علي ٻڌايو ته مسلم ليگ(ق) نامزد ڪير آهي تڪ جي عوام جي مدد سان چونڊ وڙهي رهيو آهيان. اعتراض ڪندڙ وڪيل چيو ته معشوق علي نامزدگي ڪاغذن ۾ پنهنجو پيشو گڏهه گاڏو هلائڻ لکيو آهي. جڏهن ته اثاثن ۾ پستول به ظاهر ڪيو آهي. چيف جسٽس عقيل احمد عباسي چيو ته اوهان کي فارم ڀرڻ نٿو اچي، ڪيترائي ماڻهو اهڙي قسم جا ڪوڙا فارم به جمع ڪرائيندا آهن. پستول ڪٿان کان آيو اوهان وٽ؟ ڇا بندوق ڏيکاري چونڊ وڙهندا؟ اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته خالي فارم ڀري ڇڏيو ۽ چونڊن ۾ حصو وٺڻ لاءِ پهچي وڃو چيف جسٽس پي ايس 76 تان مسلم ليگ(ق) جي نامزد اميدوار جي درخواست رد ڪندي چيو ته اوهان کي ڪنهن چيو آهي ته چونڊن ۾ حصو وٺو؟ حق حلال جي روزي ڪمايو، پنهنجي ٻارن جي سٺي طريقي سان پرورش ڪريو.

بقايا *** 22

چوري لاءِ ڪلپ لڳائي هئي. واقعي جي انڪشاف ڪانپوءِ پارڪو ملازم جي فرياد تي بن قاسم ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو ايف آءِ آر ۾ عبدالوهاب، جاويد، حسن ٽالي جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو آهي. ايف آءِ آر جي متن موجب جوابدارن گودام مسواڙ تي ورتو. اڃا تائين ڪنهن جوابدار جي گرفتاري عمل ۾ ناهي اچي سگهي. سندن گرفتاري لاءِ ڪوششون جاري آهن.

بقايا *** 23

تي مور جو نشان ڏنو ويو آهي. ريٽرننگ آفيسر طرفان جاري ڪيل فارم 33 موجب ٿرپارڪر جي 6 تڪن تي گڏيل طور تي 86 اميدوارن کي چونڊ نشان الاٽ ڪيا ويا آهن انهن مان اين اي 214 تي 11 اميدوارن کي نشان مليا آهن. اليڪشن ڪميشن طرفان ٿرپارڪر جي تڪ اين اي 214 تي پي ٽي آءِ جي اميدوار شاهه محمود قريشي کي مور جو نشان ڏنو ويو آهي. اين اي 214 تي اميدوار مهرالنساء کي هوائي جهاز جو نشان الاٽ ڪيو ويو آهي. اين اي 215 تي 20 اميدوارن جڏهن ته پي ايس 52 تي 11، پي ايس 53 تي 14، پي ايس 54 تي 12 ۽ پي ايس 55 تي 18 اميدوارن کي نشان الاٽ ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 24

درخواستن تي سرڪاري وڪيل دليلن لاءِ مهلت گهري ورتي. سرڪاري وڪيل موقف ڏيندي ٻڌايو ته هن مختلف درخواستن ۾ هڪ ئي نوعيت جي اپيل ڪئي وئي آهي سرڪاري وڪيل ٻڌايو ته صوبائي اينٽي ڪرپشن کان علاوه ٻين ڌرين لکت جواب جمع ڪرائي ڇڏيو آهي. ٻنهي درخواستن کي گڏ ڪيو وڃي. عدالت سرڪاري وڪيل جي اپيل منظور ڪندي درخواست تي وڌيڪ ٻڌڻي 29 فيبروري تائين ملتوي ڪري ڇڏي

بقايا *** 25

سان نوٽيفڪيشن جاري ڪري ڇڏيو آهي. نوٽيفڪيشن مطابق مختلف شهرن ۾ ميئرز، ڊپٽي ميئرز ضلعي، ميونسپل، ٽائون ۽ يوسي چيئرمين جي چونڊ مهم هلائڻ جون شڪايتون مليون آهن. جيڪا اليڪشن ايڪٽ جي ڀڃڪڙي آهي. جوائنٽ اليڪشن ڪمشنر سنڌ پاران ريجنل اليڪشن ڪمشنر کي موڪليل پيغام ۾ ايڪشن وٺڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. خط مطابق ميئر، ڊپٽي ميئر، بلدياتي نمائندا چونڊ مهم ۾ شرڪت ڪري رهيا آهن جيڪا سرڪاري وسيلن جي استعمال بابت ضابطه اخلاق جي پيرا 18 جي ڀڃڪڙي آهي. پيغام ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته چونڊ ضابطه اخلاق جي ڀڃڪڙي تي نظر رکي وڃي ۽ ڪنهن به خلاف ورزي سان ثبوت ڪارروائي لاءِ سنڌ مانيٽرنگ ڪوآرڊينيٽر آفيس اماڻيا وڃن. جوائنٽ اليڪشن ڪمشنر سنڌ پاران هي پيغام ريجنل مانيٽرنگ ڪو آرڊينيٽرز ۽ ڊسٽرڪٽ مانيٽرنگ آفيسرن کي به اماڻيو ويو آهي.

بقايا *** 26

عدالت جي جج محمد بشير اڳوڻي وفاقي وزير فواد چوڌري جي خلاف جهلم ۾ تعميراتي منصوبن ۾ ڪرپشن واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن سلسلي ۾ نيب فواد چوڌري کي عدالت ۾ پيش ڪيو فواد چوڌري طرفان سندس وڪيل عامر عباس ۽ نيب جو پراسيڪيوٽر عدالت ۾ پيش ٿيا. ٻڌڻي دوران جج فيصل چوڌري کان سوال ڪيو ته اوهان کي جيڪڏهن ڪجھ ڳالهائڻو آهي ته ڳالهايو. فواد چوڌري جواب ڏنو ته ڳالهيون ڪڏهن به ختم ناهن ٿينديون. وڪيل صفائي دليل ڏيندي چيو ته فواد چوڌري کي نيب حراسان ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. 26 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ دوران اڃان تائين انڪوائري مڪمل نه ٿي سگهي آهي. فواد جي نالي ڪابه زمين ٽرانسفر نه ٿي آهي. ڪو به ثبوت سامهون نه آيو آهي. فواد چوڌري سان ڪرڻو ڇا آهي؟ نيب کي 26 ڏينهن ۾ ڇا هٿ آيو؟ ٻڌڻي دوران نيب فواد چوڌري جي 4 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪري ڇڏي جنهن تي جج محمد بشير فيصل چوڌري کي چيو ته اوهان جو ته جسماني ريمانڊ نه آهي نه؟ فيصل چوڌري چيو ته مون کي ته صرف نوٽيس مليو آهي. جنهن کان پوءِ عدالت فواد چوڌري جي جسماني ريمانڊ تي فيصلو محفوظ ڪري ورتو جيڪو ڪجهه دير کان پوءِ ٻڌائيندي نيب جي استدعا منظور ڪري ورتي. عدالت فواد چوڌري کي وڌيڪ 3 ڏينهن جي جسماني ريمانڊ تي نيب حوالي ڪري ڇڏيو.

بقايا *** 27

ڪاهه ڪرڻ جو ثبوت ناهي مليو تاريخي ورثن ۾ ڪو به هٿيار نه لڀڻ ان ڳالهه جو پختو ثبوت آهن. اهڙو اظهار ناول نگار صفدر زيدي سندس ناول "بنت ڏاهر" تي پريس ڪلب ۾ ٿيل پينل گفتگو ۾ ڪيو. هن وڌيڪ چيو ته دشمن جو پاڻ ۾ عشق منهنجي ناول نگاري جي فن ۽ خواهش جو حصو آهن باقي تاريخدانن کي ته تنقيد جو پورو حق آهي. ذاتي حوالي سان هنن چيو ته هو تمام گهري مطالعي کان پوءِ رياست جي نام نهاد قومي ويڪائو اديبن جهڙوڪ نسيم حجازي ۽ ٻين رياستي اديبن جي ڦهلايل ڪوڙ مان جان ڇڏائي ۽ منهنجي سامهون حقيقتون سامهون آيون ته بنت ڏاهر ناول لکيو. هن وڌيڪ چيو ته حملا آورن ۽ لٽيرن کي ڪوڙن ليکڪن وسيلي مقامي هيروز مٿان فوقيت ڏني وئي آهي. بنت ڏاهر ۾ جن تاريخي حقيقتن کي پيش ڪيو ويو آهي اصلي سنڌ جي عڪاسي ڪن ٿيون. سنڌ جي رواداري جي تاريخ کي هڪ سازش تحت ختم ڪرڻ مسلسل ڪوششون ٿي رهيون آهي، سرداري ۽ ملائن کي هڪ منصوبي تحت قائم رکيو ويو پيو وڃي پر سنڌ هزارين سال پراڻي تاريخ ۽ روايتن سان قائم رهندي. ڊاڪٽر رياض شيخ، ڊاڪٽر اصغر دشتي، آسمه شيراز، سجاد ظهير، زبير بن خالد، علامه مومن خان نسيم زاهد ۽ ٻين ناول جو تجزيو ڪندي چيو ته بنت ڏاهر ۾ تاريخي حقيقتن کي طاقتور تخليقي صلاحيتن سان ناول نگاري ڪئي وئي آهي ليکڪ صفدر زيدي تاريخي حقيقتن جو گهرائي سان اڀياس ۽ مشاهدو ڪندڙ ناول نگار آهي. خيرپور لقمان جائي صفدر زيدي جي هن وقت تائين ٽي ناول لکيا آهن ۽ کين پڙهندڙ به جام مليا آهن. سندس ناولن ۾ "ڪنڊ جيڪا مٺي نه هئي"، "پاڪ پري" ۽ "بنت ڏاهر" شامل آهن هي اردو ۾ لکيل ناول سنڌي ۾ ترجمو ٿي چڪا آهن ۽ يو ٽيوب تي آڊيو ڪتاب جي صورت ۾ موجود آهن. هن پروگرام ۾ اڪرم قائم خاني موهن لال، الاهي بخش مهر، مير ڀهوڙ، رميش راجا، عبدالله انيل ڪمار ۽ ٻين ڪيترن ئي نوجوان تاريخدانن، صحافين، اديبن، تجزيا نگارن ۽ سول سوسائٽي جي ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

بقايا *** 28

ملڪ ۾ اسلامي قدرن * نظرياتي سرحدن جون محافظ آهن اسلام ۽ نظرءِ پاڪستان ئي ملڪ جي ترقي بقاءِ توڙي سلامتي جو ضامن آهي 08 فيبروري تي نظرءِ پاڪستان جي محافظن ۽ امريڪي يارن وچ ۾ مقابلو ٿيندو، ديني جماعتون مشترڪات تي متحد ۽ نظرياتي سرحدن خلاف ڪابه سازش ڪامياب ٿيڻ ڪونه ڏينديون اهڙن خيالن جو اظهار هن ناظم آباد ۾ جماعت اهلحديث سنڌ جي صدر مولانا خورشيد شيخ جي وفات تي پٽ علامه عامر عبدالله محمدي سان تعزيت بعد ڳالهه ٻولهه دوران ڪيو مولانا

اسدالله ڀٽو وڌيڪ چيو ته حماس جي مجاهدن ۽ فلسطيني عوام جي جرئت پوري دنيا ۽ جهاد جي ڪلچر کي زنده، مسلمان امت کي بيدار ۽ پاڻ کي سپر پاور سمجهندڙ ظالم رياست اسرائيل کي ڏينهن جا تارا ڏيکاري تڪبر ۽ غرور کي مٽي ۾ ملائي ڇڏيو آهي. هن چيو حق * باطل جي معرڪي ۾ نيڪ ۽ ديندار، ايماندار ماڻهن کي ڪامياب ڪيو وڃي ته جيئن تحريڪ پاڪستان جي شهيدن جو اسلامي فلاحي ۽ جمهوري رياست وارو خواب ساڀيان ٿي سگهي. هن مرحوم جي مغفرت درجات بلندي ۽ پونيئرن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي. ان موقعي تي سيڪريٽري اطلاعات مجاهد چنا، جماعت اهلحديث جا حشمت الله صديقي، عمران احمد سلفي، عبدالحسيب چوهاڻ ۽ قاري حسنين چشتي به موجود هئا. #

بقايا *** 29

دوران فائرنگ جي نتيجي ۾ 2 سڳا ڀائر مارجي ويا. مقتولن جي سڃاڻپ حسين امين ۽ فاروق امين جي نالي سان ٿي آهي. پوليس موجب شروعاتي جاچ دوران خبر پئي آهي ته فائرنگ جو واقعو ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي نتيجي ۾ ٿيو مقتول خان محمد ڪالوني جا رهواسي هئا جڏهن ته سندن اباڻو تعلق مردان سان هو. پوليس موجب جهيڙو ٻارن کي تيز موٽر سائيڪل هلائڻ کان منع ڪرڻ تي ٿيو مقتول هڪ پاپڙ ٺاهيندڙ ڪارخانو هلائيندو هو ۽ فائرنگ جو واقعو مقتول جي ڪارخاني ويجهو پيش آيو پوليس موجب اکين ڏٺن شاهدن ٻڌايو آهي ته جن ٻارن سان جهيڙو ٿيو انهن پنهنجن وڏن کي فون ڪري گهرايو ۽ ٻارن طرفان فون ڪرڻ جي ڪجهه دير کان پوءِ فائرنگ ٿي. پوليس موجب مقتول فاروق پنج ٻارن جو پيءُ هو ۽ مقتول حسين 2 ڌيئرن جو پيءُ هو. پوليس وڌيڪ ٻڌايو آهي ته واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ڪئي وئي آهي سندن گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن.

بقايا *** 30

۽ لياقت آباد سي ون ايريا ۾ 16 ڪلاڪن کان وڌيڪ جي لوڊشيڊنگ جون شڪايتون وصول ٿيون آهن. ان کانسواءِ لانڍي، ڪورنگي، اولڊ سٽي ايريا، الله والا ٽائون ۽ ٻين علائقن ۾ به 12 کان 14 ڪلاڪن جي لوڊشيڊنگ ڪئي پئي وڃي. ذريعن جو چوڻ آهي ته سياري ۾ بجلي جي طلب ۾ گهٽتائي باوجود ڊگهي لوڊشيڊنگ سمجهه کان ٻاهر آهي.

بقايا *** 31

بائيڪاٽ نه ڪندي، اسان کان بيٽ کسي وئي آهي ۽ پچ ڌاتي وئي آهي. نواز شريف اڳ به ٻن چيفس سان وڙهي وڃي چڪو آهي. ڪيس آڻڻ سان ڪو استحڪام نه ايندو. هن چيو اهڙيون چونڊون ٿيون ته حڪومت ٻه مهينا به نه هلي سگهندي، صورتحال ڪهڙي به هجي چونڊن ۾ بيٺا آهيون. اهي سموريون ڪوششون ان ڪري ٿي رهيون آهن ته اسان ميدان ڇڏي ڏيون پر اسان نه ڇڏينداسين. چاهيون ٿا ته وڪيٽ به هجي. پچ به ۽ مخالف به.

بقايا *** 32

گذريل مالي سال يوٽيليٽي اسٽورز جو خالص منافعو 76 ڪروڙ 40 لک رپيا رهيو. يوٽيليٽي اسٽورز جي ذريعن جو چوڻ آهي ته اٽي، کنڊ، گيهه، دالين ۽ چانورن تي حڪومت وڏي سبسڊي ڏئي رهي آهي، گذريل سال دوران بنيادي شين تي حڪومتي سبسڊي سبب سيل بلند ترين سطح تي پهچي وئي. ذريعن موجب يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن مسلسل 3 سالن کان منافعي ۾ آهي. مالي سال 22-2021 ۾ يوٽيليٽي اسٽورز جي سيل 112 ارب 32 ڪروڙ رپيا. جڏهن ته مالي سال 21-2020 ۾ يوٽيليٽي اسٽورز جي سيل 120 ارب 24 ڪروڙ رپيا هئي. ذريعن جو چوڻ آهي ته مالي سال 20-2019 ۾ يوٽيليٽي اسٽورز جي سيل 53 ارب 32 ڪروڙ، مالي سال 19-2019 ۾ 9 ارب 68 ڪروڙ 50 لک رپيا هئي. جڏهن ته 19-2019 ۾ يوٽيليٽي اسٽورز 6 ارب 37 ڪروڙ 30 لک رپيا خساري ۾ هو.

بقايا *** 33

ٽربيونل جي فيصلي خلاف آئيني درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيو چيف جسٽس عقيل احمد عباسي پڇائو ڪيو ته ٻنهي تي ڇا اعتراض لڳايو ويو آهي؟ ڇا ذوالفقار مرزا ۽ فهميدا مرزا کي ڊفالٽر ظاهر ڪيو ويو آهي؟ درخواست يع وڪيل موقف ڏيندي ٻڌايو ته ٻنهي ڪو ذاتي نالي تي قرض ناهي ورتو. مرزا اينڊ ڪمپني اسيمبلي جي هڪ صوبائي اسيمبلي جي ٽن سيٽن تان اميدوار آهي. فهميدا مرزا قومي اسيمبلي جي اين اي 223 تان جي ڊي اي جي اميدوار آهي. رٽرننگ آفيسر ذوالفقار مرزا جي پي ايس 70.71 ۽ 72 تان به نامزدگي ڪاغذ رد ڪري ڇڏيا هئا. اليڪشن ٽربيونل به رٽرننگ آفيسر جو فيصلو برقرار رکيو.

بقايا سنڌيار 01

ڪندي چيو ته قومي شاعر ابراهيم منشي جي شاعري قومي تحريڪ ۾ اپار آندو سنڌ جي خوشحالي لاءِ پاڻ به جدوجهد ۾ رهيو تاريخ جو اهم ڪردار هو چاچا مولا بخش لغاري قومي تحريڪ ۾ شاندار ڪم ڪيو سنڌجي زندگي فڪر سيد سان سلهاڙيل رهيو جيل سختيون تڪليفون ابراهيم منشي ۽ چاچا مولا بخش لغاري کي ٽڪائي نه سگهيون سنڌ جي عشق ۾ سنڌس گاٽ اوچو رهيو تاريخ اهڙن ڪردارن کي سونهري لفظن ۾ ياد رکندي آهي شاعر ڌرتي جو ترجمان هوندو آهي جيڪو سورن تڪليف کي پنهنجي شاعري ۾ سمائي عوام ۾ آڻيندو آهي ورڪر جي ڌرتي جي خوشحالي لاءِ عملي طور ته جدوجهد جي ميدان ۾ بيٺل هوندا سنڌ جيڪا ابراهيم منشي ۽ چاچا مولا بخش لغاري کي ياد ڪندي رهندي تاريخ ۾ اهي ڪردار ڪڏهن به وسري نٿا سگهن جيڪي ديس جي خوشحالي لاءِ پتوڙيندا آهن

بقايا سنڌيار 02

حل لاءِ چونڊن ۾ ڀرپور حصو وٺي رهي آهي، گهوٽڪي سميت سڄي سنڌ ۾ مخالفن کي ناڪامي نصيب ٿيندي. 8 فيبروري تي سرپرائيز ڏينداسين. اهڙن خيالن جو اظهار هن مهر هائوس خانڳڙهه ۾ چونڊ مهم جو آغاز ڪرڻ واري تقريب کي خطاب دوران ڪيو. هن چيو ته پ پ هميشه هارين، مزدورن ۽ غريبن جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي، اسان جي قيادت ملڪ جي بقا، سلامتي، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ پنهنجون جانيون به قربان ڪري چڪيون آهن اهو ئي سبب آهي جو عوام ۽ اسان جو رشتو پڪو ۽ پختو آهي. هن اليڪشن ۾ به عوام پنهنجو قيمتي ووٽ ڏئي پ پ اميدوارن کي سوڀارو ڪندو ۽ شهيد راڻي جو لخت جگر بلاول ڀٽو زرداري ملڪ جو وزيراعظم ٿيندو. هن چيو ته خانڳڙهه جي عوام گذريل اليڪشن ۾ مون کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪرايو هو هن دفعي به مان ساڳئي موٽ جي اميد ڪيان ٿو ڇاڪاڻ ته اسان جي خاندان خانڳڙهه ۾ ترقياتي ڪمن جو جار وڇايو آهي. ماضي ۾ منهنجي والد مرحوم سردار غلام محمد خان مهر ،علي گوهر خان مهر ،مرحوم علي محمد خان مهر علي نواز عرف راجه خان مهر ،حاجي خان مهر به مثالي ڪم ڪرايا آهن هن گذريل ٽينوئر ۾ مان خانڳڙهه واسين لاءِ ڊگري ڪاليج جو قيام، مختلف پرائمري اسڪولن کي نيون بلڊنگس ،زبون اسڪولن جي مرمت ،فرنيچر جي فراهمي، اسپتال جي اپگريڊيشن، ڊاڪٽرن جي مقرري، آپريشن ٿيٽر، نوان وارڊ ۽ بلاڪ، جديد اوزار ۽ ايمبولنس جي فراهمي، مختلف ڳوٺن ۽ محلن ۾ روڊ رستن ۽ نالين جي مرمت ۽ بحالي توڙي راندين لاءِ گرائونڊ سميت لاتعداد ترقياتي اسڪيمون منظور ڪرايون. چيف سردار محمد بخش خان مهر چيو ته اڄ ڪان اليڪشن مهم جو آغاز ڪري رهيا آهيون ماضي جيان هن اليڪشن ۾ به اسان جي خاندان جو ساٿ ڏيئي ڪامياب ڪندا ته جيئن خدمت جو تسلسل جاري رهي. مان اميد ڪيان ٿو ته مضبوط ساٿ سدائين قائم ۽ دائم رهندو. ان موقعي تي حاجي خان مهر، حاجي دادن خان مهر ،حاجي زبردست خان مهر ۽ ٻيا ساٿس گڏ هئا.

بقايا سنڌيار 03

ڪرائي وڃي تفصيل موجب پريس ڪلب سکيون تي جيئي سنڌ پورهيت سنگت جي اڳواڻن ضلعي اڳواڻ ڪامريڊ عاشق علي چنا،تعلقي چيف آرگنائيزر غلام قادر چنو،سماجي اڳواڻ غلام اصغر ڀاڳت، سوشل ورڪر ملوڪ احمد چنا،ڪامريڊ رياض حسين متو،راجا رمزعلي ملاح ۽ ٻين جي اڳواڻيءَ ۾ شهر اندر صفائي نه ٿيڻ خلاف احتجاج مظاهرو ڪيو ويو ميڊيا سان ڳالهائيندي اڳواڻن چيو ته نااهل انتظاميا ڀنگين جي پوسٽن تي وائيٽ ڪالر ڀرتي ڪري صفائي عملي سان ناانصافي ڪئي آهي اهو ئي سبب آهي جو سکيون شهر اندر ڪيتري ئي عرصي ڪان صفائي نه ٿي سگهي آهي هنن وڌيڪ ڳالهائيندي چيو ته ڪانٽريڪٽ تي رکيل صفائي واري عملي کي پڻ ڪيتري ئي عرصي ڪان پگهارون نه ملي سگهيون آهن جنهن سبب انهن به ڪم ڇڏ هڙتال ڪري ڇڏي آهي جنهن سبب سکيون جي مين شاهي بازار سميت مختلف بازارن، محلن ۾ گندگي جا ڍير لڳل آهن يونين ڪائونسل عملو هر مهيني جي اينڊڙ بجيٽ پگهارن ۽ ٻين ڪرڻ بلن جي نالي تي هڙپ ڪري رهي آهي هن نگران وزيراعلي سنڌ، ڊي سي خيرپور ،۽ ٻين واسطيدار عملدارن ڪان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڪرپشن ڪندڙ عملي خلاف قانوني ڪارروائي ڪري سکيون ۾ صفائي جو نظام بهتر ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 04

سيمينار ڪوٺائي زرعي جاڻ ڏيڻ سان گڏ انعام ورهائڻ جي شاندار تقريب ڪوٺائي وئي، جنهن ۾ ڪمپني جي بزنس مئنيجر نديم رضا راجپوت حيدر علي آرائين ۽ جانومل پاران ڪمپني بهترين ٽماٽر سارين ۽ مرچ جي ٻجن جي موسم مطابق پوکائي ڪرڻ جي جاڻ ڏيڻ سان گڏ بهترين پئداوار حاصل ڪندڙ آبادگارن حاجي محمد امين لغاري، ڪريم لغاري، محمد صديق، محمد موسيٰ، گل خاصخيلي، حاجي باغ علي سريوال، ڪيول ڪولهي راجڪمار لوهاڻو ۽ ٻين مڃتا طور ٽرافيون ڏنيون ويون ياد رهي ته بهترين ٽماٽر جي حوالي سان گلاب لغاري ۽ ٻرپاسي جي ٽماٽر کي ملڪي منڊين ۾ وڏي اهميت حاصل آهي

بقايا سنڌيار 05

ويو ٻالڪ سائين ۽ نياڻين شاه لطيف جا بيت پڙهي سائس معصوم محبتن جو اظهار ڪيو: جشن جهڙو ماحول فنڪار سعيد سمون شاهه سائين جون وائيون ڳائي محفل کي مهڪائي ڇڏيو: شاه لطيف رهبر شاعر آهي: ساقي ابڙو، رپورٽ موجب ٻالڪ علمي ادبي سنگت رتوديرو پاران اڄ حسن پور اسڪول ۾ شاعرن جي سرتاج شاه عبداللطيف ڀٽائي جو 343 هون جنم ڏهاڙو ملهايو ويو ان سلسلي ۾ هڪ خوبصورت تقريب پڻ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ مزاحمتي شاعر ۽ اديب ساقي ابڙو، ڪامريڊ منور ٽوناري، صداقت حسين بوزدار، حسنين ساقي ابڙو، ثقلين عباس، عبدالڪريم سومرو، ضامن سولنگي، منصور بلوچ، فياض ميرائي، سائره شاه، زهره سولنگي، حرا شيخ، عليزه سولنگي، فزا سمون ۽ ٻين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي شاه لطيف جي سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪيو ويو ۽ ٻالڪ سائين توڙي نياڻين لطيف سائين جا بيت پڙهي سائس معصوم محبتن جو اظهار ڪيو جڏهن ته نامور فنڪار سعيد حيدر سمون پنهنجي خوبصورت آواز ۾ شاه لطيف جون وايون ڳائي محفل کي مهڪائي ڇڏيو تقريب کي خطاب ڪندي مزاحمتي شاعر ۽ اديب ساقي ابڙو چيو ته شاه لطيف دنيا جو آفاقي شاعر آهي سنڌس ڪو به ثاني نٿو ٿي سگهي هن چيو ته لطيف سائين وطن پرست شاعر آهي جنهنجي شاعري ۾ وطن سان بي لوث محبت ۽ مسلسل جدوجهد جو درس ملي ٿو هن اعلان ڪيو ته ٻالڪ سنگت پاران هر سال شاه لطيف جو جنم ڏهاڙو ڀرپور انداز سان ملهايو ويندو.

بقايا سنڌيار 06

210 تي پ پ پ اميدوار صلاح الدين جوڻيجو ۽ پي ايس 42 تي پ پ پ اميدوار جام شبير علي خان اليڪشن ورڪ جي سلسلي ۾ يوسي عظيم آباد (44) جي ديهه 33 جمڙائو ۾ ڳوٺ رکيل خان رند ۾ تاج محمد رند طرفان ڏنل آجياڻي ۾ شريڪ ڪئي جتي صلاح الدين جوڻيجو تڪ جي عوام سان ڳالهائيندي چيو ته منهنجي ڏاڏا شاهنواز جوڻيجو پڻ هن تڪ جي ماڻهن جي خدمت ڪئي آهي ۽ ان کانپوءِ منهنجي پيءُ روشن الدين جوڻيجو پڻ 15 سال خدمت ڪئي آهي ۽ هاڻي اهو موقعو مونکي مليو آهي انشاءالله اليڪشن کٽي ڪري عوام جي خدمت ڪنداسين. اسان جا در پنهنجي عوام جي لاءِ هميشه کليل آهن.

بقايا سنڌيار 07

محمد يونس راڄپر، ايم ظفر تگر، مولابخش مشوري، وسف منگي امتياز سومرو،ماجد تگر، اسد عمراڻي،نديم منگي،ماجد تگر،عتيق الرحمان وسطو،ساجد جويو،مجيب پريڇو، ۽ ٻين چيو ته ايس ايڇ او خالق شاه شهر ۽ آس پاس ۾ چورين ۽ ڦورن ڪرائي رهيو آهي، خبرون هلائڻ تي پوليس صحافين کان انتقام پيٺي وٺي ڪجهه ڏينهن اڳ صحافي ساجد تگر تي اڪائونٽس آفيسر ميونسپل ڪوڙي ايف آءِ آر داخل ڪرائي جنهن ۾ هن ضمانت ورتي، صحافي ضمير لنڊ کي گرفتار ڪيو ويو خالد چانڊيو مٿان ڪيس داخل ،ڪئبل نيٽ ورڪ جي سي اي او منصور ميمڻ جي پٽ ڪان موٽر سائيڪل. موبائلون ۽ 35 هزار ڦريا ويا جڏهن ته شهر نوشهرو فيروز ۾ ڪافي دڪانن جا تالا ٽوڙي چوريون ڪيون ويون آهن گذريل رات رابعه سينٽر تان 2 موٽرسائيڪلون چاپي چور ڪاهي ويا ۽ ايس ايس پي سهائي عزيز جيڪا هڪ چورن جي ساٿاري ايس ايڇ او عبدالخالق شاه کي به هٽائي نٿي سگهي تنهنڪري اسان مجبور ٿي ڪري 25 جنوري تي ڪراچي ۾ وزيراعليٰ هاؤس آءِ جي آفيس اڳيان ڌرڻو هڻنداسين

بقايا سنڌيار 08

اليڪشن ڪمپين جي سلسلي ۾ مختلف ڪالونين ۾ ڪارنر گڏجاڻين ۾ شرڪت ڊهرڪي شهري مزدور اتحاد جي صدر محمد صادق لغاري پاران منعقد ڪرايل تقريب ۾ نادر اڪمل طان لغاري خطاب ڪندي چيو ته مون کي عوام جي حالت ڏسي انتهائي ڏک ٿيو آهي ته ادان جي عوام سان کهڙو ويڌن ڪيو آهي منهنجو اليڪشن ۾ حصو وٺڻ جو مقصد عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ آهي هن چيو ته ڊگهي عرصي کان عوام کي بنيادي سهولتن کان محروم رکيو ويو هاڻي سمورا حق عوام تائين منتقل ڪرڻ جو وقت اچي ويو آهي. ان موقعي تي چاچر عبدالفتاح سميجو، سردار اڪمل خان لغاري، اياز خان شر، امجد اعوان، عبدالله پير بخش راڄوڙي ۽ ڪثير تعداد ۾ شهرين شرڪت ڪئي.

بقايا سنڌيار 09

اليڪشن ۾ شڪست ڏني آهي ۽ هاڻ به ڏينداسين اهڙن خيالن جو اظهار مسلم ليگ ن جي اميدوار گلزار ميمڻ پاران هٽ ڪٽڻ واري گڏجاڻي کي اين اي 223 ۽ پي ايس 71 بدين جي اميدوار حسام مرزا ۽ پي ايس 70 جي اميدوار حسنين مرزا خطاب ڪندي ڪيو هنن چيو ته اسان جي خاندان بدين جي ماڻهن جي وڏي خدمت ڪئي آهي اسان جي مخالفن پنجن سالن ۾ بدين جي نوجوانن کي منشيات ۽ ڪرپشن ڪانسواءِ ڪجهه به نه ڏنو آهي هنن چيو ته اسان بدين کي لاڙ يونيورسٽي ڏني ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ڏني سنڌ ۽ مرڪز اسلام آباد ۾ نوجوانن کي نوڪريون ڏيئي اتي آباد ڪيو پر بدين مان چونڊيل پ پ پ جي نمائيندن نوجوانن کان نوڪرين جا پيسا به ورتا ۽ نوڪريون نه ڏنيون هنن چيو ته هي وقت آهي انهن جو احتساب ڪرڻ جو ۽ عوام لاءِ مخلص قيادت چونڊڻ جو هن موقع تي مسلم ليگ ن جي اين اي 223 ۽ پي ايس 71 تي اميدوار گلزار ميمڻ چيو ته مون کي منهنجي پارٽي جي قائد ميان نواز شريف هن تڪ تي اميدوار نامزد ڪيو آهي ۽ اڄ ان جي حڪم تي جي ڊي اي جي اميدوارن جي حق ۾ دستبردار ٿيان ٿو ڇاڪاڻ سنڌ ۾ مسلم ليگ ن ۽ جي ڊي اي اتحاد ڪري گڏجي چونڊ وڙهڻ جو فيصلو ڪيو آهي گڏجاڻي کي مسلم ليگ ن جي ضلعي صدر حاجي ابراهيم ڪمبوهه 69 تلهار تي جي ڊي اي اميدوار ڊاڪٽر مير عبد الله ٽالپر ۽ ڪولاڙچي جي اميدوار اميت آزاد پنهور پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 10

پريس ڪلب آڏو تحفظ ۽ انصاف لاءِ دانهيندي چيو ته هنن پنهنجي مرضي سان شرعي محمدي موجب عدالتي پرڻو ڪيو آهي پر پرڻي بعد ناري جا والدين پائرءِ ٻيا ڪرڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت قتل جون ڌمڪيون ٻيا ڏين جنهن سبب زندگين کي خطرو آهي هنن چيف جسٽس سنڌ ها ءِ ڪورٽ، پوليس جي اعلي عملدارن سميت وسوارن کان تحفظ ۽ انصاف جي گهر ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 11

مسلم ليگ فنڪشنل جي اڳواڻي ايم پي اي فقير محمد بخش خاصخيلي ماهي خان وساڻ پريس ڪلب شهدادپور جي سال 2025 جي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ساجن جاني سميت تمام چونڊيل عهديدارن کي واڌايون ڏيندي، پريس ڪلب شهدادپور عوامي ادارو آهي چونڊيل صدر مهدي حسن پنهور، سينئر نائب صدر علي نواز سريوال، نائب صدر سيد قربان علي شاهه، جنرل سيڪريٽري محمد قاسم ڪلوئي، ڊپٽي جنرل سيڪريٽري ساجن جاني، جوائنٽ سيڪريٽري اسلم آزاد خاصخيلي، خزانچي غلام عباس ساند، انفارميشن سيڪريٽري وقار علي، پريس سيڪريٽري رئوف جان ٻاگراڻي، لائبريري سيڪريٽري نذير اختر، آفيس سيڪريٽري مير مهتاب جان، چيئرمين ورڪنگ ڪاميٽي شاد علي منگي، وائس چيئرمين الهجڙيو هنگورو ۽ ٻئي سمورن ميمبرن عهديدارن کي گلن جا هار پارائي مبارڪون ڏيڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته تڪ جو عوام ڀرپور ساٿ ڏئي رهيو آهي ڪاميابي يقيني آهي پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل جي ڊي اي سدائين پريس ڪلب جي صحافين سان ساٿ نڀايو آهي. ان موتڪي تي شهدادپور بار جو صدر غلام مصطفيٰ سومرو، ضلعي ڪائونسل ميمبر فقير غلام نبي سنجراڻي، فنڪشنل مسلم ليگ سٽي صدر فتح محمد شيخ، سياسي سماجي اڳواڻ غلام علي بروهي پريس ڪلب شهدادپور رجسٽرڊ جي ڀلائي لاءِ اڳ به ساٿ ڏنو آهي ۽ هاڻي به پريس ڪلب جي سائين سان گڏ آهيون.

بقايا سنڌيار 12

پاڻن پاران قومي ۽ صوبائي اسيمبلي جون ٽڪيٽون جاري ٿيڻ جي خوشي ۾ عوامي قوت جو مظاهرو. تفصيل موجب دڙو ۾ پ پ جي شيرازي گروپ طرفان عوامي طاقت جو مظاهرو ڪيو ويو پ پ شيرازي گروپ جي اڳواڻ علي اڪبر عيساڻي، غياث ميمڻ، وزير ڪڏو، اڪبر گگو، محمد علي سومرو، علي اڪبر پنهيرو، محمد خان سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ سوين ماڻهن بيند، باجن ۽ دهلن شرنائين سان سرڪاري اسپتال ڪان پڇاري پل تائين ريلي ڪڍي، جنهن ۾ سيد باشاه شاه شيرازي خصوصي طور شرڪت ڪئي. ريلي ۾ جئي ڀٽو جئي شيرازي جا نعرا هنيا ويا. ان موقعي تي سيد باشاه شاه شيرازي، اڪبر عيساڻي، غياث ميمڻ، ملڪ رسول بخش ميمڻ اڪبر گگو ۽ ٻين خطاب ڪيو. هنن چيو ته 8 فيبروري تي ٿيندڙ عام چونڊن ۾ سمورن پ پ مخالفن کي بدترين شڪست ملندي. ۽ سمورن مخالفن جون ضمانتون رد ٿينديون. ٻئي طرف باشاه شاه شيرازي علي اڪبر پنهيرو ۽ امير بخش پنهيرو جي آجياڻي واري تقريب ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڪيس بوسڪي جو پٽڪو پڌرايو ويو.

بقايا سنڌيار 13

پاران منشيات جي ڊيلر گرفتار ملڪ عمير کي گرفتار ڪري مٿس ڪيس داخل ڪيو هو جنهن جي سوشل ميڊيا تي ڳوٺائي عثمان ڪشميري پوسٽ شيئر ڪئي هئي جنهن تان نالي واري منشيات فروش ضمانت تي آزاد ٿيندي ٻئي ڏينهن پوسٽ شيئر ڪندڙ نوجوان عثمان پنجابي مٿان منشيات فروش عمير پنجابي سنڌس والد پنهنجي ساٿين سان گڏ حملو ڪري نوجوان کي تشدد بعد زخمي ڪري ڇڏيو زخمي نوجوان پاران منشيات فروش ۽ سنڌس ساٿين تي شيخ ڀرڪيو ٿاڻي تي اين سي داخل ڪرائي وئي آهي پر هن مهل تائين جوابدار گرفتار ٿي نه زخمي نوجوان صحافين ڳالهائيندي چيو ته عمير ملڪ ڳوٺ علي بخش چانڊيو ۾ منشيات جو وڏو ڊيلر جنهن پاڙيسرين جو جئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي منشيات جي ڏوهه ۾ پوليس پاران ڪيس گرفتار ڪيو ويو جنهن جي پوسٽ سوشل ميڊيا تي شيئر ڪرڻ جي ڏوهه ۾ مون تي حملو ڪري تشدد ڪيو ويو نوجوان وڌيڪ چيو ته منشيات فروش عمير ملڪ بااثر آهي مون کي ان مان جان جو خطرو آهي نوجوان پاران ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان ايس ايڇ او شيخ ڀرڪيو ڪان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته منشيات فروش عمير ملڪ ۽ سنڌس والد خلاف ڪاروائي ڪري ڪيس گرفتار ڪري مون سان انصاف سميت تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 14

مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي انهي عرصي ۾ مختلف اس ايس پيز کي ضلعي ٺٽي ۾ پوليس ڪمانڊ طور مقرر ڪيو پر ضلعي مقرر ٿيندڙ هر ايس ايس پي ضلعي ٺٽي کي دبئي سمجهي پوسٽنگس ته ورتيون پر ضلعي جي شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ سندن ترجيحات ۾ شامل هو نتيجي طور مڪمل طور تي پر امن ضلعو ٺٽو پر امن رهڻ بجاءِ بدامني جي ور چڙهي جنهن ڪانپوءِ مختلف وقتن تي مختلف وارداتن جي نتيجي ۾ ٺٽي جا شهري غير محفوظ بڻجي هر قسم جو ڏوهه ڪندڙ ڌوهارين جي ور چڙهي ويا ۽ اهڙي طرح ڏوهن جي مختلف وارداتن ۾ ٺٽي جا نوجوان هجن يا وڏي عمر جا فرد ڏوهارين وارداتن سبب قتل ٿيڻ لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي ضلعو ٺٽو مختلف ڏوهارين سبب مقتل گاهه بڻجڻ لڳو اهڙي هڪ واردات گذريل رات ضلعي ٺٽي جي تعلقي گهوڙاٻاري جي شهر ور ويجهو جاڙاڏالي روڊ تي ڪجهه ڏوهارين سوزوڪي ڊرائيور روشن جاڙو کي ڦرجي نيت سان روڪڻ جي ڪوشش مزاحمت تي ڦرجي ڪوشش ڪرڻ دوران ڏوهارين پاران فائر ڪري نوجوان روشن جاڙو کي قتل ڪري ڇڏيو جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. قتل ٿيل سوزوڪي ڊرائيور جي عمر 28 سال ٻڌائي پئي وڃي ان سلسلي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان ڊرائيور جي وارثن ۽ ڀاءُ خادم جاڙو موجب ور شهر شهر لڳ ڳوٺ حاجي قادر بخش جاڙو واسي سنڌس نوجوان ڀاءُ سوزوڪي ڊرائيور نوجوان روشن علي ولد علي محمد جاڙو ڪراچي ۾ ڪڪڙيون ڪپائي واپس ڳوٺ اچي رهيو هو ته ور شهر لڳ جاڙاڏالي روڊ تي ڪانئس ڦرجي ڪوشش ڪئي وئي، مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن پاران ڪيس گوليون هڻي قتل ڪيو ويو، نوجوان جي ڀاءُ ۽ وارثن موجب بروقت اطلاع ڏيڻ ڪانپوءِ به پوليس هٿياربند ڦورن جو پيڇو به نه ڪيو، نوجوان جو لاش پوليس پاران وارثن سان گڏ پوسٽ مارٽم لاءِ ور اسپتال منتقل ڪرائي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي سوين وارث پڻ اسپتال پهچي ويا، ڊاڪٽر پاران نوجوان جي جسم تي گوليون لڳڻ جي تصديق ڪئي ويئي آهي، جنهن سبب سنڌس موت واقعي ٿيو آهي. ياد رهي ته ڪجهه مهينا اڳ ور شهر لڳ ٻن ڀاڳين کي چورن گوليون هڻي قتل ڪيو هو. گهوڙاٻاري تعلقي سميت پوري ضلعي اندر ڦرءِ چورين سميت ڏوهن جي وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن جڏهن ته پوليس وارداتون ڪندڙ ڏوهارين کي پڪڙڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي ويئي آهي جنهن جو سبب ضلعي ۾ نااهل ۽ سفارشي پوليس آفيسرن ۽ ٿاڻن ۽ پوليس چوڪين تي نااهل ايس ايڇ اوز جي مقرري آهي قتل ٿي ويل 28 سالن جي نوجوان روشن جاڙو جي وارثن گهر ڪئي آهي ته فورن نوجوان جي قاتل ڦورن کي گرفتار ڪري نوجوان جي خون سان انصاف ڪري عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 15

گذارڻ تي مجبور ٽنڊو ۾ ميڊيا آڏو دانهيندي تحفظ جي گهر تفصيل موجب پنج مهينا اڳ ٺٽو جي سول ڪورٽ ۾ پسند جو پرڻو ڪندڙ جوهڙجمالي واسي نوجوان رفيق پرڪڙي علينا ملاح ٽنڊو شهر ۾ ميڊيا آڏو دانهيندي ٻڌايو ته پنج مهينا اڳ اسان ٺٽو سول ڪورٽ ۾ پسند جو پرڻو ڪيو هو جنهن بعد علينا جي مائٽن جاني ملاح، غفور ملاح، بشير ملاح ڪيس زوري اغوا ڪري ڪئي باندي بڻائي رکيو هو جنهن جو مون سجاول جي ڪورٽ ۾ ڪيس پڻ داخل ڪرايو آهي علينا ملاح چيو ته آئو اچتو وجهه وٺي سندن قيد مان نڪري اچي پنهنجي مڙس وٽ پهتي آهيان جڏهن ته هاڻي منهنجا مائٽ اسان جي جان جا دشمن بڻجي چڪا آهن جهن مان اسان کي جان جو خطرو آهي اسان دربدري واري زندگي گذاري رهيا آهيون اسان وس وارن کا مطالبو ٿا ڪريون ته اسان کي تحفظ ڏنو وڃي

بقايا سنڌيار 16

نشان الاٽ ڪندڙ رٽرننگ آفيسر نوشهروفيروز کي درخواست ۾ لکيل برش سميت ٽي نشان ڏنا مگر اهي نشان پيپلز پارٽي جي ونگار وهندي پنهنجي مرضي مطابق ڏنل نشان بهتر نه هجڻ تي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان کي خط لکي واضع ڪيو ته رٽرننگ آفيسر نوشهروفيروز پيپلز پارٽي جي ڊرٻيل آهي انهن جا اسقبال ڪندي ڏنو ويو اُنهي مان ثابت آهي ته اليڪشن فيئر ۽ فري نه ٿيندي هن چيو ته اليڪشن ۾ مون کي خالي بيل نشان درخواست مطابق الاٽ ڪري ڏنو وڃي، جڏهن ته پي ايس 33 جي آزاد اميد وار ايڊوڪيٽ غزالا حسين پنهور ورڪ جو آغاز ڪندي مختلف ڳوٺن ڳوٺ جسڪاڻي، ڳوٺ حاجي احمد خان مشوري، ڳوٺ لعل خان چانڊيو، ڳوٺ ڪوڙو خان چانڊيو ۽ يونين ڪائونسل ڦل شهر ۽ آس پاس جي ڳوٺن ۾ وڃي ووٽ وٺڻ لاءِ ڳوٺاڻن سان گڏجاڻيون ڪيون. ان موقعي تي ايڊوڪيٽ غزالا حسين پنهور ڳوٺاڻن سان ڳالهائيندي چيو ته اگر مون کي عوام ووٽ ڏئي ڪامياب ڪيو ته اسيمبلي ۾ وڃي عوام جا بنيادي مسئلا تعليم هيلٿ ۽ روزگار لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 17

روشن علي برڙو جگديش آهوجا جي اڳوائي ۾ سيد جي درياءَ واري بنگلي تي سالگره جلسو ٿيندو جنهن ۾ ملڪ جا نامور سياستدان اديب دانشور شرڪت ڪندا جڏهن ت اڄ رات مشعل بردار ريلي ڪڍي سيد جي مزار تي حاضري پڻ ڀري ويندي جنهن بعد راڳ رنگ جي محفل پڻ ٿيندي جنهن ۾ ناليوارا صوفي ۽ قومي فنڪار فن جو مظاهرو ڪندا جسقم بشير گروپ طرفان سائين جي ايم سيد جي مزار جي سيراندي ڪان 17 جنوري تي عام جلسو ڪوٺائي سالگره ڪيڪ پڻ ڪاٽيو ويندو جيئي سنڌ رهبر ڪميٽي ۾ شامل قومپرست جماعتن جسقم آريسر گروپ جسم جيئي سنڌ قومي پارٽي جيئي سنڌ تحريڪ جو گڏيل جلسو رياض چانڊيو اسلم خيرپوري نواز خان زنئور سورهيه سنڌي جي اڳوائي ۾ ٿيندو جيئي سنڌ محاذ طرفان چيئرمين صوفي حضور بخش علي نواز ٻٽ جي اڳوائي ۾ جسقم طرفان سوڀ قمر ڀٽي دودو ديشي جي اڳوائي ۾ حاضري ڀري ويندي جنهن جون تياريون ڪيون پيون وڃن ايس يو پي ۽ جيئي سنڌ جي ڪارڪنن طرفان سن شهر کي ڳاڙهن جهندن سان سجايو پيو وڃي مانجهند لاڪا آمري لڪي شاه صدر خاٿوٽ منظور آباد علي آباد جي بس اسٽاپن تي پڻ پرچم لڳايا پيا وڃن

بقايا سنڌيار 18

ڪري علامتي بک هڙتال ڪري 3 ڪلاڪ سخت نعري بازي ڪري ڌرڻو هنيو. ان موقعي تي مظاهرين مختيار جويو،سهيل ڏاوچ عبدالنبي پٽي، لياقت ڪوسو، اصغر علي پير ۽ ٻين چيو ته دادو سب رجسٽرار شمس الدين ڏاريجو اڇو شرط مبينا ڪرپشن جي باهه ٻاري ڇڏي آهي هر ڪم تي هزارين روپيا سري عام رشوت ورتي پئي وڃي انڪار ڪرڻ تي شهرين جا ڪم واپس ڪيا پيا وڃن،سب رجسٽرار ۽ سنڌس عملو نياز سولنگي،رشيد ٻگهيو ۽ ٻيا دادو سب رجسٽرار آفيس کي پنهنجي ذاتي ملڪيت سمجهن ٿا،جڳهن جي رجسٽري تي مبينا 40 هزار ورتا وڃن ٿا، سڄو ڪم سنڌس عملو هلائي پيو سب رجسٽرار دادو صرف هفتي ۾ 2 ڏينهن اچڻ بعد هڪ ڪلاڪ آفيس ويهي ٿوءِ ذاتي بنگلن تي ويهي ڪم ڪري پيو. سنڌس جي روئي سبب اسان اسٽيٽ ايجنسي ۽ عرضي نويس ٻانڊ رائيٽس سخت پريشان آهيون. هنن اي جي سنڌ رجسٽريشن سنڌ حيدرآباد. سينئر ميمبر روينيو بورڊ ۽ ٻين وس وارن ڪان مطالبو ڪيو ته فوري طور دادو سب رجسٽرار جي راشي سب رجسٽرار ۽ سنڌس عملي کي هٽائي اسان سميت دادو واسين مان بيچيني دور ڪئي وڃي.

بقايا سنڌيار 19

اسان پهرين به عوام سان گڏ هئاسين اڄ به عوام سان گڏ آهيون اسان ووٽ جي گهر صرف ۽ صرف ان ڪري ڪندا آهيون ته جيئن سنڌ جو آواز سگهارو ٿئي ۽ عوام جي حقن لاءِ وڌيڪ وڙهي سگهون هو تعلقي سڪرنڊ جي مختلف ڳوٺن ۾ الڳ الڳ ڪارنر گڏجاڻين کي خطاب ڪري رهيو هو. هن چيو ته اسان اهو به چاهيون ٿا ته سنڌ جي باشعور نوجوانن جي مختلف شعبن ۾ ميرٽ جي لتاڙ بند ڪئي وڃي ادارا آزاد هئڻ گهرجن ڊازو پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيسرن به ميرٽ جي لتاڙ ڪري من پسند ماڻهن کي پاس ڪيو جنهن جي پڻ مذمت ڪيون ٿا اسين ٿا چاهيون ته سنڌ جي ڪا نياڻي نا انصافين جي ڪري پنهنجي زندگي، جو انت آڻي اسان نٿا چاهيون ته ڪاجيجل پنهنجن ٻچن کي بک کان ٽڙپندي ڏسي يا ڪو والد بيروزگاريءَ سبب خودڪشي ڪري اهو تڏهن ممڪن ٿيندو جڏهن چورن جو احتساب ٿيندو ۽ ايماندار نمائندن جي چونڊ ٿيندي هن وڌيڪ چيو ته ماضيءَ جي ڪرپٽ حڪمرانن ملڪ جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي ڪرپشن جيڪا ناسور بڻجي چڪي آهي گذريل پندرنهن سالن ۾ سواءِ لڳي ۽ ٻه نمبري جي پيو ڪجهه به نه ڪيو ويو آهي ان ڪري فيصلو اسان جي هٿ ۾ آهي ته پنهنجي ايندڙ نسل لاءِ ڪهڙا ٿا نمائنده چونڊيون سيد زين شاه وڌيڪ چيو ته پنهنجي ووٽ جو صحيح استعمال ڪيو ووٽ سنڌ لاءِ ، ووٽ ٻچن لاءِ ، ووٽ حق لاءِ ۽ ووٽ ظلم خلاف آواز اٿارڻ لاءِ هئڻ گهرجي ان ڪان اڳ مختلف ڳوٺن ۾ پهچڻ وقت سيد زين شاه جي قافلي تي گلن جي ورکا ڪري شاندار آجيان ڪئي وئي، جڏهن ته ڪين لنگين ۽ اجرڪن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا. ان موقعي تي فقير غلام مصطفيٰ ڪيريو ٻچل ڍهيو حاجي چگل خان اتو، ايوب ڪوسو، قاسم سومرو، قربان مگسي، محمد خان گدارو پڻ موجود هئا.

بقايا سنڌيار 20

احمد راهو ڊائريڪٽر ايڪسائيز شبير احمد شيخ سابقہ چئرمين حاجي عزيز احمد راهو وائيس چيئرمين رئيس علي ڏنو حاجوٽو ڪائونسلر اهلاالله ٻگهيو ڪائونسلر بابر حفيظ راجپوت رضوان علي حسن ملڪ ڊاڪٽر شاهد قائم خاني ماسٽر اسلم اسلام ڊاڪٽر سوني لعل ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ عرف لالا چنه ۾ نصير قائمخاني جي نياڻي جي شادي گليڪسي بينيڪوئيٽ ۾ ٿيهي گنڍي شادي جي تقريب ۾ علي عبدالفتاح ميمڻ انجنئير جاويد احمد شبير احمد قائم خاني ماجد قمب صغير احمد قائم خاني ميمن شڪيل ٺاڪر سجاد راهو ساجو ملاح شاهنواز سولنگي عبدالمالڪ محمد علي ملڪ بابر پنهان موجود هئا

بقايا سنڌيار 21

ايس ايڇ او سنجي ڪمار ٺاڪراڻي جي اڳوائي ۾ شهر جي وارڊ نمبر هڪ ۾ زراع موجب امجد قائمخاني جي گهر تي ڇاپو هڻي وڏي مقدار ۾ گٽڪو ناهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ سوپاري ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري وڙتو هڪ شخص گرفتار، خبر موجب: ڪوٽ غلام محمد ۾ ايس ايس پي ميرپورخاص عادل ميمڻ جي اسپيشل ٽيم سي آءِ اي انچارج شاهجان لاشاري ۽ ايس ايڇ او سنجي ٺاڪراڻي جي اڳوائي ۾ خوفيا اطلاع تي شهر جي وارڊ نمبر هڪ ۾ زراع موجب امجد قائمخاني جي گهر تي ڇاپو هڻي گٽڪو ناهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ سوپاري ۽ ٻيو سامان هٿ ڪري وڙتو جڏهن ته هڪ شخص گرفتار ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 22

سولنگي، PS_61جماعت اسلامي پاران شرجيل انعام ميمڻ جي سامهون بيهاريل اميدوار ايڊووڪيٽ فتح محمد شورو، نائب امير جماعت اسلامي سعيد نظاماڻي، امير زون ڪٽڙ سعيد احمد شاهه، اصغر علي شورو جوائنٽ سيڪريٽري جي آئي يوٿ ضلع حيدرآباد، ميڊيا ڪوآرڊينيٽر مرزا نعيم مغل ۽ ٻين عهديداران شرڪت ڪئي، ۽ ڳوٺاڻن پڻ جماعت اسلامي کي ووٽ ڏيڻ جي ڀرپور حمايت ڪئي، سردار زبير سولنگي ۽ ايڊووڪيٽ فتح محمد شورو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سوشل ميڊيا جنهن کي چاهي هيرو ناهي جنهن کي چاهي زيرو بنائي سگهي ٿي، هن وقت ۾ سوشل ميڊيا گلوبل ورڊ جنهن پوري دنيا کي هڪ پئي سان ملائي ڇڏيو آهي، حاضر وقت ۾ جيڪو سوشل ميڊيا تي چانيل آهي دنيا به ان کي چاهي ٿي، سوشل ميڊيا جو هن دنيا ۾ هڪ اهم ڪردار آهي، اسان کي سوشل ميڊيا تي هڪ قسم جي جنگ وڙهڻي آهي جنهن ۾ ترهان سيني نوجوان دوستن صحافي دوستن کي ڀرپور حمايت ۽ سپورٽ ڪرڻ جي گزارش ڪجي ٿي، هنن وڌيڪ ٻڌايو ته هن دفعي برساتي ڏيڏر کي مون توڙ جواب ڏيڻو آهي هوهر دفعا اسان جي ووٽن تي اقتدار حاصل ڪري طرح طرح جون سهولتون آسائشون حاصل ڪن ٿا، ۽ ويچارا ووٽ ڏيندڙ ساڳي ماني ساڳ سان جي ڪرت نڀائيندي بيوس ۽ لاچار بڻجو ڦاڪاڪشي واري زندگي گزارڻ تي مجبور آهن لحاظ مهرباني ڪري آزمايلن کي بار بار نه آزمايو هن دفعي اسان تي اعتماد ڪري ڏسو اسان کي ووٽ ڏئي ڪامياب ڪريو اسان توهان کي هر بنيادي سهولتون تعليم برينچ سسٽم روڊ رستا ۽ اسپتالون ۽ پيئڻ لاءِ صاف پاڻي مهيا ڪري ڏينداسين

بقايا سنڌيار 23

ڪاروائي بعد لاش وارثن حوالي. ايس ايس پي ٺٽو جاءِ وارڌات تي پهچي معائنو ڪرڻ ڪانپوءِ 24 ڪلاڪن اندر جوابدار گرفتار ڪرڻ جو واعدو .تفصيل موجب آچرءِ سومر جي وچ واري رات دير سان ڪراچي ڪان واپس ڳوٺ اينڊڙ سوزڪي کي ور شهر ويجهو جاڙاڏالي موري وٽ بيٺل ڦورن سوزڪي کي روڪي سوزڪي ڊرائيور روشن جاڙو کان ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي نه نوجوان روشن جاڙو ڦورن سان مزاحمت ڪئي جنهن نتيجي ۾ ڦورن پسٽل جا سڌا فائر ڪري سوزڪي ڊرائيور روشن جاڙو کي ٿڏي تي قتل ڪري سنڌس ڪيسي مان روڪ رقم ۽ موبائيل فون ڪڍي فرار ٿي ويا. اهڙو اطلاع گهوڙاٻاري پوليس کي ڏنو ويو. پوليس جاءِ وارڌات واري هنڌ پهچي نوجوان جو لاش تحويل ۾ وٺڻ ڪان پوءِ ضروري ڪاروائي لاءِ اسپتال ڪٺائي آئي - جتي ضروري ڪاروائي ڪان پوءِ لاش وارثن حوالي ڪيو. ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي جاءِ وارڌات واري هنڌ پهچي معائنو ڪرڻ ڪان پوءِ مقتول نوجوان جي وارثن ڪان تفصيل ورتا ۽ ڪين يقين ڏياني ڏياريندي چيو ته مقتول نوجوان روشن جاڙو جا قاتل جوريءِ ڪلاڪن اندر گرفتار ڪري وارثن سان انصاف ڪيو ويندو . ان موقعي تي ايس ايس پي ٺٽو آفتاب نظاماڻي رات جو هن موبائيلن سان پوليس جو گشت مقرر ڪرڻ سان گڏ واقعي واري هنڌ روڊ تي پوليس چوڪي قائم ڪرڻ جو پڻ اعلان ڪيو. ڦورن هٿان قتل ٿي ويل نوجوان روشن جاڙو جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو. سنڌس پيرسن ماءُ ۽ ڀيڻ ڪي بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا. جڏهن ته ايس ايس پي ٺٽو اڳيان مقتول نوجوان جي ماءُ ۽ ڀيڻ هنجون هاڙائيندي انصاف لاءِ ايلاز ڪندا رهيا . نوجوان روشن جاڙو جي جنازي نماز ۾ پ پ اميدوار رياض شاه شيرازي . صحافي ممتازجاڙو ساءِ ڀدارعلي شاه جي يو آءِ اڳواڻ عبدالواهاب بلوچ. مولانا سليم چانڊيو. پ پ اڳواڻ حسن علي زنگياڻي .ضلع ڪائونسل جا ميمبر شير خان چانڊيو .لقمان جاڙو شاهخالدڊاتاري سميت صحافين .شهرين. ڳوٺاڻن وڏي اڳ ۾ شرڪت ڪئي. جنازي کي پيرپلو جي قبرستان ۾ دفنايو ويو

بقايا سنڌيار 24

حصو ورتو جنهن جو اڄ فائنل ميچ ڪيڏيو ويو مهراڻ ايليون VSلڙهه ايليون مهراڻ ايليون ٽاس کٽي پهرين بيٽنگ ڪندي مقرر10 اورن ۾ 167 رنسون ٺاهيون جهن ۾ اوپنر بيٽسمين غضنفر 83 رنسون ٺاهيون ۽ آصف علي 48 رنسون ٺاهيون جوابي بيٽنگ ۾ لڙهه اليوين 129 رنسون ٺاهي سگهي مهراڻ ايليون 36 رنسنن تان ميچ کٽي ورتو مين آف دي ميچ غضنفر لغاري مين آف دي سيريز آصف لغاري بعد ۾ رنراپ ۽ ونر ٽيمن کي مهراڻ ٽي وي جي رپورٽر ابراهيم لغاري ۽ سنڌ يار اخبار جي رپورٽر گلزار لغاري ڪيش انعام ۽ ٽافيون ورهايون.

بقايا سنڌيار 25

ويا. خبر موجب سلطانپور پريس ڪلب جون نئين سال 2024ع جون چونڊون ٿي گذريون جنهن ۾ سڀني ميمبرن صلاح مشوري سان نئين سال 2024ع لاءِ هيٺان عهديدار جنهن ۾ صدر حافظ خدابخش انڊڙ سينئر نائب صدر خان محمد ملڪ نائب صدر خدابخش چاچڙ جنرل سيڪريٽري محرم ملڪ جوائنٽ سيڪريٽري ضمير حسين انڊڙ خزانچي عبدالخالق ڪٽو، رابطہ سيڪريٽري سجاد ملانو آفيس سيڪريٽري اصغر چاچڙ چونڊيا ويا جڏهن ته ايگزيڪيوٽو ڪاميٽي لاءِ ميمبر محمود مهر قربان علي مهر اياز علي سماٿر ضمير جتوئي پرويز انڊڙ مشتاق مهر چونڊيا ويا چونڊ ڪانپوءِ پريس ڪلب سلطانپور جي نون عهديدارن ۽ ميمبرن عهد ڪيو ته ورڪنگ جرنلسٽس پاڻ ۾ متحد آهن ۽ علائقي جي مسئلن کي ترجيع جي بنياد تي رکي عوام جو آواز پنهنجي چينلن ۽ اخبارن ذريعي اعلي ايوانن تائين پهچائيندا رهندا سلطانپور پريس ڪلب مظلوم ماڻهن جي ترجماني ڪندي پنٽي بيل علائقن جو آواز اعلي ايوانن تائين پهچائينداسين صحافين جو وچن

بقايا سنڌيار 26

۽ چوري ٿيل اپلائيڊ موٽر سائيڪل واپس ٿي نه سگهيون آهن جڏهن ت سپائي صبح جو 16_01_2024 وقت 30:08 بجا ڪورٽ جو انٽرنس گيٽ سپٽي پوليس آفيسر ۽ پبلڪ لاءِ بند رهندو جنهن جي لاءِ وڪلا کي تڪليف جي معزرت ڪجي ٿي. اسان جو منشور اسان جي وڪلا جو چوريون رڪور ڪرايو ۽ ايس ايڇ او نوشهروفيروز هٽايو

بقايا سنڌيار 27

غلام سرور،دعا شاهاڻي يونائيٽيڊ هيومن رائيٽس ڪائونسل حيدرآباد ڊويزن صدر محمد ايوب سولنگي سينئر نائب صدر عبدالغني ڏاوچ سان گڏجي دادو پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي هنن الزام هڻندي چيو ته اسان جي نوجوان جعفر عرف پوڙهو شاهاڻي کي 13 ڊسمبر جي رات ڊي ايس پي مونڊر جي ريڊر محمد امين شاهاڻي، حفيظ، عرفان شاهاڻي ۽ ٻين گهر تي اچي جعفر شاهاڻي کي چيو ته اسان جي مينهن چوري ٿي وئي آهي ان جو پيرو ڪڍڻ لاءِ هلو جنهن بعد اسان جي نوجوان جعفر کي اڳتي وٺي وڃي سري عام گوليون هڻي بيدردي سان قتل ڪري لاش جي بيحرمتي ڪئي هنن چيو ته اسان جي نوجوان کي مينهن چوري جو ڪوڙو بهانو بڻائي قتل ڪيو آهي. هڪ مهينو ٿي ويو آهي پر مخدوم بلاول پوليس اسان جي ايف آئي آر داخل نه پئي ڪري. اسان جي گهر ۾ ماتم آهي پوليس جوابدارن سان مليل آهي،دادو ايس ايس پي آفيس جا چڪر ڪاٽي رهيا آهيون پر دادو ايس ايس پي اسان سان ملڻ لاءِ تيار نه آهي. فوتي جعفر کي 3 پٽ ۽ هڪ نياڻي جو اولاد آهي، نوجوان به اسان جو قتل ڪيو ويو آهي وري ڪوڙو ڦر جو ڪيس به مٿس داخل ڪيو ويو آهي. پوليس اسان جي داد رسي ڪرڻ بدران اسان جو خون لوڙهي رهي آهي. هنن آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ دادو سيشن جج کان مطالبو ڪيو ته اسان جي نوجوان جعفر عرف پوڙهو کي بيدردي سان قتل ڪندڙ خلاف ڪيس داخل ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي، ٻي صورت ۾ پنهنجي گهرڀاتين سميت دادو ايس ايس پي آفيس آڏو مرڻ گهوڙي تائين بک هڙتال ڪنداسين.

بقايا سنڌيار 28

جي 3 گهرن کي اوچتو باهه وڪوڙي وئي جنهن ۾ ڪکن گهرن ۾ پيل لکين رپين جي ماليت جو گهرو سامان هنڌ بسترا ٿانوَ ۽ ٻيو قيمتي سامان سڙي رک ٿي ويو باهه متاثرين شهزادو مارفاڻي اربيلو مارفاڻي شيرل مارفاڻي عادلپور پريس ڪلب تي پهچي اپيل ڪندي ٻڌايو ته 3 ڏينهن اڳ منجهند جو 3 گهرن کي باهه لڳي جنهن ۾ اسان جا گهر سڙي رک ٿي ويا باهه لڳڻ کي 3 ڏينهن گذرڻ باوجود ڪو به سار لهڻ لاءِ ناهي پهتو اسان هن شديد سردي ۾ به پنهنجي معصوم ٻارڙن سميت کلي آسمان هيٺ وينل آهيون اسان جي هن مهل تائين ڪنهن به مدد ناهي ڪئي هنن ڊي سي گهوٽڪي سميت سرندي وارن کي مدد جي اپيل ڪئي آهي

بقايا سنڌيار 29

خلاف سنڌ ميمڻ اتحاد نئون ديرو جي سڏ تي شهرين پاران محمد طاهر ميمڻ، عارف ميمڻ، مدثر ميمڻ، راحيل عباس ڪلهوڙو، وحيد ميمڻ، طلحٰ ميمڻ ۽ ٻين جي اڳوائيءِ ۾ شهر جي پنج گلي چوڪ ڪان نئون ديرو هائوس تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي. جنهن ۾ مظاهرين پوليس جي نااهلي خلاف چٽي نعريبازي ڪئي، جتي ميڊيا آڏو دانهون ڪندي مظاهرين جو چوڻ هو ته گذريل ڏينهن لاڙڪاڻي ويندي نوجوان طلحٰ ميمڻ سميت مختلف هڪ هفتي اندر سبزي جي واپارين ۽ ٻين کان لاڙڪاڻو— نئون ديرو روڊ سان سرعام ڦر واقعا ٿي رهيا آهن ۽ قانون جي رٽ ڪٿي به نظر نٿي اچي، پوليس جوا، منشيات ۽ فحاشي اڏن تان ڀتي خوري ڪرڻ ۾ رڌل آهي ۽ امن امان جي خراب صورتحال سبب عوام جي جان ۽ مال داءِ تي لڳل آهي، هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن اما، جي صورتحال کي بحال ڪري ڦرجي ويل روڪ رقم، موبائل فونون، موٽر سائيڪلون ۽ سامان واپس ڪرائي انصاف ڪيو وڃي. هوڏانهن ايس ايڇ او نئون ديرو سيد توفيق شاه احتجاج واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪري 48 ڪلاڪن جي مهلت وٺي احتجاج ختم ڪرايو.

بقايا سنڌيار 30

سان گڏجاڻي ٿي گذري. جنهن ۾ اڳوڻي مملڪتي وزير ۽ اين اي 205 جي اميدوار سيد اصغر شاه پي ايس 33 جي اميدوار شڪيل خان جلباڻي اڳوڻي تعلق ناظم سيد امير علي شاهه وسيم اعوان جاويد جلباڻي سميت مختلف برادرين جي معززن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ ۾ گذريل 15 سالن ۾ ڪجهه ناهي ڪيو روڊ رستا تباهه ٿي چڪا آهن ڪيترن ئي اسڪولن جي حالت خراب آهي عوام هاڻي پيپلز پارٽي مان بيزار ٿي چڪو آهي. اسپتالن ۾ سرنج تائي ملي عوام کي بي يارو مددگار ڇڏيو ويو آهي گذريل برساتن ۾ اڳوڻي ايم پي اي پنهنجون زمينون بچائڻ لاءِ هٽ سان ڪٽ ڏياري ضلعي نوشهروفيروز کي ٻوڙي ڇڏيو عوام اجان ٻوڳي پيو هن چيو ته اقتدار ۾ اچي علائقي جي مسئلن کي اوليت جي بنياد تي حل ڪيو ويندو

بقايا سنڌيار 31

ڪندي سخت نعريبازي ڪئي. پيرسن بيواهه بي بي زاهد پنهنجي پٽ شهزيب شاه ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته بي سيڪشن پوليس اي ايس آءِ شادي خان پنهور ۽ سي آءِ اي پوليس جي عملدارن پٽ لاءِ ڌرتي تنگ ڪري ڇڏي آهي، پوليس جا اهلڪار پٽ کي بنا جواز ڪنيي ڪٿي وڃڻ بعد تشدد ڪن ٿا، پوليس پٽ کي ڪنيي ڪٿي وڃڻ بعد رشوت طلب ڪن ٿا، بيگناهه پٽ مٿان پوليس جو ڏاڍ بند ڪيو وڃي مان غريب بيواهه عورت پوليس جو پيٽ ڪٿان پريان هنن ايس ايس پي شبير احمد سيٺار ڪان نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا سنڌيار 32

امداد بوزدار جي اڳوائي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جاري رکي وئي ۽ صحافي برادري سان گڏ سياسي ڪارڪنن قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ۾ شامل پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي ،سيد احقر شاهه، شهزاد تاباڻي، سليم سهتو جلال الدين پيو، مجيب ورند، حسيب شيخ،صلاح الدين سميجو،عبدالغفور شيخ، قاضي ضياء الرحمان، اسحاق ڪوسو، بخش علي ٿليوٽو، بابر ڪوڪر، انس ملڪ، اصغرعلي عباسي، فضل الرحمان قريشي، ناصر جعفري، ابراهيم سومرائي، جي ايم شيخ، سجاد سنجراڻي ، .عقيل قريشي، اسلم دايو سول سوسائٽي جي عطا محمد ڀنو، اعظم منگريو، پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوارن گوهر ڪوسو، صفيه بلوچ، عزيز ابڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 5 مهينن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي پر اسان جي ساٿي شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو اهڙي ظلم تي خاموش نه ٿينداسين ۽ نه ئي اسان شهيد جي ڪيس کي سرد خاني حوالي ٿيڻ ڏينداسين، هنن چيو ته سنڌ جي نگران حڪومت ۽ سنڌ پوليس کي به سنجيده قدم نه پئي کڻي جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي، جيستائين قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي خاموش ٿي نه ٿينداسين ان سلسلي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي پاران احتجاجي تحريڪ تيز ڪندي 19 جنوري تي ملڪ گير احتجاج ۽ 25 جنوري احتجاجي بک هڙتال جو اعلان ڪيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ تائين جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا سنڌيار 33

ڳوٺ جنهان سومرو ۾ ملهائي ڪيس سنڌ سان محبت جي اظهار طور ڪيل شاعري تي اديبن شاعرن ڀيٽا پيش ڪئي، خبر موجب بلڙي شاه ڪريم جي ويجهو ڳوٺ جنهان سومرو ۾ ابراهيم منشي يادگار ڪميٽي جي پاران سنڌ جي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره جي تقريب کي جهوني شاعر فنڪار عبدالحفيظ پان خطاب ڪندي چيو ته ابراهيم منشي جي شاعري ۾ انقلاب جو روپ سمايل آهي جنهن ۾ هن سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين ، ظلم زيادتين جي خلاف پنهنجي شاعري ذريعي جهر جهنگ وڃي پنهنجي ٿي گائيڪي ۾ ڳائي پيو انقلاب شاعري سان ڀيٽا ڏيئي سنڌ جي عوام ۾ قومي جذبي کي بيدار ڪيو . سنڌس شاعري سنڌ جي قومي طبقاتي جدوجهد جو عڪس هئي جنهن ۾ هن هاري مزدور شاگرد ۽ هيٺين وچولي طبقي جي شاعري ۾ عڪاسي ڪئي آهي، سنڌ جي قومي وجود جي خلاف ٿيندڙ سازش سان شاعري ذريعي مهاڏو اٽڪايو آهي ، سنڌس شاعري ۾ مزاحمتي جنگ جو هڪ ڏيک نظر آيو جنهن جي ڪري ڪيس شاعري جي ڪري جيل ، قيد ۽ سختين سان مقابلو ڪرڻو پئجي ويو پر هن پنهنجي همت ۽ جذبي سان سنڌ سان پنهنجو محبت وارو اظهار قومي جذبي سان عوام ۾ بيدار ڪيو . سنڌس شاعري کي گڏ ڪرڻ لاءِ آڊيو وڊيو سي ڊيز جي ذريعي سنڌلاجي جي ڪارنر ۾ محفوظ ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏنو آهي پر اڃان به سنڌس شاعري تي جديد ٽيڪنالاجي سان تحقيق ڪرائڻ جو ڪم رهيل آهي جيڪو سنڌس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل شاعري کي رسالي جي صورت ۾ آڻڻ جي اهم ضرورت آهي . تقريب کي ابراهيم منشي ميموريل يادگار ڪميٽي جي سربراهه طارق ابراهيم منشي مخاطب ٿيندي چيو ته بابا ابراهيم منشي پنهنجي شاعري ۾ سنڌ کي سمائي سنڌ سان عشق جو ناتو نڀايو، سنڌس شاعري سنڌ جي لاڙ اتر ، ڪاڇي ، ٿر ، ڪوهستان جي عوام لاءِ سندن رهڻي ڪهڻي جي عڪس طور عام شاعري جو روپ ڏيئي آساني سان ڪين سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪيو . ابراهيم منشي جي شاعري سنڌ جو هڪ لازوال داستان آهي جنهن ۾ سنڌ سان محبت پيار سان گڏ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ سنڌ دشمن سازشن سان مزاحمت ڪئي ويئي آهي . سنڌ کي اڄوڪي جديد دور ۾ به ابراهيم منشي جي شاعري جي اهم ضرورت آهي جنهن لاءِ نوجوانن ۾ ابراهيم منشي جي شاعري کي عام ڪرڻ لاءِ نصابي ڪورسن ۾ شامل ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن سنڌ جو نوجوان پنهنجي روشن مستقبل جي معمار کي بلند ترين ڪرڻ لاءِ ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهي . ابراهيم منشي سنڌ جي ادب ۾ شاعري کي مزاحمت جو روپ ڏيئي سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف بلند آواز سان پنهنجي شاعري کي ڳائيڪي ۾ آڻي قومي جدوجهد جو هڪ مزاحمتي روپ منظر عام تي آندو . مون کي پنهنجي بابا جي شاعري جي ڪري جيڪا به سنڌ سميت ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ جيڪا به عزت ۽ مان جو مقام ملي ٿو اهو منهنجي بابا جي شاعري جو عظيم سرمايو آهي . تقريب کي شاعر اياز حيدر سومرو خطاب ڪندي چيو ته ابراهيم منشي سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي سنڌ سان پنهنجو ناتو قومي جذبي سان ملهائي مزاحمتي شاعري جي ذريعي قومي شعور کي مضبوط ڪيو هو سنڌ جو يگانو مزاحمتي شاعر هو . تقريب کي اديب دوست شڪور سومرو خطاب ڪندي چيو ته ابراهيم منشي جي شاعري اڄوڪي جديد دور ۾ سنڌ جي عوام لاءِ پنهنجي روشن مستقبل جي ضمانت آهي سنڌس شاعري ۾ سنڌ سان عشق محبت جو اظهار سمايل آهي ، شاعري ۾ مزاحمتي روپ هن جي عظمت جو بلند معيار آهي . تقريب کي سينئر صحافي غلام نبي ڪيريو، علي حسن رند ، خان عباسي ، اويس ملاح ، ساحل اياز، محمود سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي ابراهيم منشي جي شاعري کي قومي جذبي سان ڀيٽا ڏني . تقريب ۾ سنڌ جي اديبن شاعرن قرارداد ذريعي سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي کان ابراهيم منشي جي شاعري کي نصابي ڪورس ۾ شامل ڪرڻ ۽ سنڌس ڇپيل ، اڻ ڇپيل شاعري کي رسالي جي صورت ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ طرفان ڇپائڻ جو مطالبو ڪيو ويو. سنڌ جي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره جو اديبن شاعرن ڪيڪ ڪاٽيو . جنهن کان اڳ سنڌس آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪئي.

بقايا سنڌيار 34

پرائمري اسڪول شاه عنايت جي هيڊ ماسٽر امير حسين زرداري دل جو دورو پوڻ ڪري انتقال ڪري ويو مرحوم جي جنازي نماز ڳوٺ شاه عنايت م ته هي گنڊي مرحوم جي جنازي نماز ۾ موٽروي پوليس جي آفيسر ارباب زرداري سنڌه بينڪ جي مينجر امام الدين جمالي آپريشن مينجر حبيب الرحمان گورچاڻي عامر لطيف انصاري ڪيشئير خليق الزمان جمالي نور محمد مگسي راو عامر راجپوت سينئر صحافي امتياز حسين ميمڻ نظير احمد سولنگي اسدالله ميمڻ ارشاد علي زرداري عمران مگسي اعجاز حاجاڻو تجم الدين مگسي قاضي جاويد سنائي عاجز جمالي قاضي رمضان سنائي مشتاق احمد سولنگي سميت شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي جڏهن ته رياض حسين زرداري رفيق احمد زرداري سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي

بقايا سنڌيار 35

جي رٽائر فوجين ۽ حاضر سروس فوجين طرفان تعلق پريس ڪلب وارهه تي پريس ڪانفرنس ڪندي فوجي فياض حسين تنيو فوجي عبالجبار تونيو، فوجي منظور علي چانڊيو، فوجي صابر علي تونيو فوجي عجب گل سومرو، فوجي ماجد حسين تونيو پريس ڪانفرنس ڪندي فوجين ميڊيا کي موقف ڏيندي چيو ته ڪلهه صبح جو فوجي فياض حسين تونيو پنهنجي عزيزن سان ملڻ لاءِ ڪندو روڊ سان وڃي رهيو هو ته هٿيارڊ ڏوهارين سنڌس جي مٿان حملو ڪندي هٿيارن جي زور تي فوجي فياض حسين تنيو کان موٽر سائيڪل سرڪاري سروس ڪارڊ . اي ٽي ايم ڪارڊ . ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا اهڙي عمل جي سخت لفظن ۾ اسان مذمت ڪيون ٿا ۽ وڌيڪ هنن ٻڌايو ته اسان اهڙو اطلاع ڦورن پوليس کي ڏنو ۾ پوليس سستي جو مظاهرو ڪري خاموشي اختيار ڪئي. اهڙو اين سي وارهه ٿاڻي تي داخل ڪرائي آهي ايس ايڇ او واره هيڊر تائين ڪڪ پچي بيٺو به نه ڪيو آهي وڌيڪ فوجين چيو ته اسان جي حاضر سروس فوجي کان ڦر ٿيل سامان کي کي 24 ڪلاڪ گذرڻ باوجود ايس ايڇ او واره طرفان ڪا به رزلٽ نه ڏني سگهيو آهي. اسين رٽائر فوجي ميڊيا جي توسط سان ايس ايڇ او واره کي 48 گهنٽن جي مهلت ڏيون ٿا نه ڦرڻيل سامان واپس ڪرايو وڃي ٻي صورت ۾ 17 جنوري اربع جي ڏينهن آل فوجي لاڙڪاڻو ڊويزن جي طرفان واره فاضل راهو چونڪ تي احتجاجي ڌرڻو لڳايو ويندو.اگر وڌيڪ ضرورت پئي نه انڊس هاءِ وي لاڙڪاڻو روڊ بند ڪري ڌرڻو لڳايو ويندو.

بقايا سنڌيار 36

نه ڏيڻ تان جهڙو ڪوسٽر ڊرائيور زوار خاصخيلي سخت زخمي تعلق اسپتال سامارو داخل. سامارو پوليس هڪ ڇٺو کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو، خبر موجب : سامارو شهر پرسان شبير واٽر ڪنري کان اينڊڙ ڪوسٽر جونٽي ٺهندڙ روڊ جي تميراتي ڪم دوران مسافر ڪوسٽر کي سائيڊ نه ڏيڻ تان روڊ جي تميراتي ڪم ڪندڙ ۽ مسافر ڪوسٽر ڊائيور زوار خاصخيلي جي وچم جهڙو ٿي پيو جهڙي جي نتيجي ۾ ڪوسٽر ڊرائيور زوار خاصخيلي لنون ۽ پٿر لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو . جن کي تعلق اسپتال سامارو ۾ داخل ڪيو ويو . مسافر ڪوسٽر جي ڪنڊيڪٽر الله ڏنو خاصخيلي نيشنل پريس ڪلب سان ڳالهائيندي چيو ته روڊ جو تعميراتي ڪم هلي رهيو آهي روڊ جي ٻني پاسن تي پٿر وڇايل آهن جنهن سبب گاڏين جو هلڻ به مشڪل ٿي رهيو آهي ۽ اسان کي ٽائيم به ڪور ڪرڻو پوندو آهي اسان هنن کي سائيڊ به ڏني پو به هنن اسان جي مسافر ڪوسٽر کي روڪرائي اسان تي مارڪٽ ڪري ڏني وٺي اسان جي جيب پيل روڪ رقم ۽ موبائيل فون به ڪڍيا ويا

بقايا سنڌيار 37

عملوگهٽ هجڻ جي ڪري عورتون پريشان آهن ميڊيا سان ڳالهائيندي عورتن چيو ته اسان کي بينظير انڪم سپورٽ جي وضيفي جاپيسا ملندا آهن ۽اسان کي پي پي ايچ آئي پاران نشونماءِ ٻارن جي خوراڪ ڏني وڃي ٿي پرنشونماجي سينٽرتي عملوگهٽ آهي ۽ نه ڪوسيڪورٽي جو عملو آهي اسان عورتون پري پري کان صبح جو سوير سردي ۾ اچڻو ٿيو ۽ هتي روزانو گهٽ ۾ گهٽ 100يا150عورتن کي خوراڪ ڏني وڃي ۽ ڪجھ عورتون واپس وڃن ٿيو هن وڌيڪ چيو ته اسان روزانو ڪرايو ڀري پري کان اچون ٿا عملوگهٽ هجڻ جي ڪري وڏي تڪليف اچي ٿي ۽ اسان عورتون پي پي ايچ آءِ ڊسٽرڪٽ پروگرام آفيسر کان مطالبوٽي ڪريو ته سول اسپتال جي بينظير نشونما سينٽرتي عملو وڌايو وڃي جيئن عورتن تڪليف کان بچي سگهن ۽ عورتن مان مايوسي ختم ٿي وڃي

بقايا سنڌيار 38

۾ ميڊل ورهائيندو. يونيورسٽي جي ڪراپ پراڊڪشن ٽيڪنالاجي ساموهن پنڊال جي تياري جو ڪم جاري، خبر موجب سنڌ زرعي يونيورسٽي ۾ 18 جنوري 2024 تي ٿيندڙ 12 هين ڪنووڪيشن لاءِ يونيورسٽي ۾ تياريون آخري مرحلي ۾ داخل ٿي ويون آهن ۽ يونيورسٽي جي شاگردن جي سڀ ڪان وڏي پروگرام ڪانووڪيشن ۾ سنڌ جو گورنر محمد ڪامران خان ٽسوري شرڪت ڪري رهيو آهي، ان سلسلي ۾ ڪانووڪيشن جي بهترين انتظامن توڙي شاگردن جي سهولتن جي حوالي سان مختلف قدم کنيا ويا آهن ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي جي وائيس چانسلر ڊاڪٽر فتح مري جي هدايتن تي يونيورسٽي کي ڪنوار جيان سينگاريو پيو وڃي ۽ ڪانووڪيشن جي مک تقريب لاءِ يونيورسٽي جي ڪراپ پراڊڪشن ٽيڪنلاجي سامهون پنڊال جي تياري جو ڪم جاري آهي. ان سلسلي ۾ ترجمان پاران جاري ڪيل ٻڌائي موجب سنڌ جو گورنر ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي جو چانسلر محمد ڪامران خان ٽسوري بيچلرس، ماسٽرس، ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي جي شاگردن ۾ ڊگريون توڙي پوزيشنون ماڻيندڙ شاگردن ۾ ميڊل ورهائيندو. ان سلسلي ۾ جوڙيل ڪاميٽين پاران مختلف ذميوارين تي عملي ڪم جاري آهي.

بقايا سنڌيار 39

مڪمل طور تي ناڪام ٿي وئي آهي انهي عرصي ۾ مختلف اس ايس پيز کي ضلعي ٺٽي ۾ پوليس ڪمانڊ طور مقرر ڪيو پر ضلعي مقرر ٿيندڙ هر ايس ايس پي ضلعي ٺٽي کي دبئي سمجهي پوسٽنگس ته ورتيون پر ضلعي جي شهرين کي تحفظ فراهم ڪرڻ سندن ترجيحات ۾ شامل هو نتيجي طور مڪمل طور تي پر امن ضلعو ٺٽو پر امن رهڻ بجاءِ بدامني جي ور چڙهي جنهن ڪانپوءِ مختلف وقتن تي مختلف وارداتن جي نتيجي ۾ ٺٽي جا شهري غير محفوظ بڻجي هر قسم جو ڏوهه ڪندڙ ڌوهارين جي ور چڙهي ويا ۽ اهڙي طرح ڏوهن جي مختلف وارداتن ۾ ٺٽي جا نوجوان هجن يا وڏي عمر جا فرد ڏوهارين وارداتن سبب قتل ٿيڻ لڳا ۽ ڏسندي ڏسندي ضلعو ٺٽو مختلف ڏوهارين سبب مقتل گاهه بڻجڻ لڳو اهڙي هڪ واردات گذريل رات ضلعي ٺٽي جي تعلقي گهوڙاٻاري جي شهر ور ويجهو جاڙاڏالي روڊ تي ڪجهه ڏوهارين سوزوڪي ڊرائيور روشن جاڙو کي ڦرجي نيت سان روڪڻ جي ڪوشش مزاحمت تي ڦرجي ڪوشش ڪرڻ دوران ڏوهارين پاران فائر ڪري نوجوان روشن جاڙو کي قتل ڪري ڇڏيو جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. قتل ٿيل سوزوڪي ڊرائيور جي عمر 28 سال ٻڌائي پئي وڃي ان سلسلي ۾ قتل ٿي ويل نوجوان ڊرائيور جي وارثن ۽ ڀاءُ خادم جاڙو موجب ور شهر شهر لڳ ڳوٺ حاجي قادر بخش جاڙو واسي سنڌس نوجوان ڀاءُ سوزوڪي ڊرائيور نوجوان روشن علي ولد علي محمد جاڙو ڪراچي ۾ ڪڪڙيون ڪپائي واپس ڳوٺ اچي رهيو هو ته ور شهر لڳ جاڙاڏالي روڊ تي ڪانئس ڦرجي ڪوشش ڪئي وئي، مزاحمت ڪرڻ تي ڦورن پاران ڪيس گوليون هڻي قتل ڪيو ويو، نوجوان جي ڀاءُ ۽ وارثن موجب بروقت اطلاع ڏيڻ ڪانپوءِ به پوليس هٿياربند ڦورن جو پيڇو به نه ڪيو، نوجوان جو لاش پوليس پاران وارثن سان گڏ پوسٽ مارٽم لاءِ ور اسپتال منتقل ڪرائي ڇڏيو اطلاع ملڻ تي سوين وارث پڻ اسپتال پهچي ويا، ڊاڪٽر پاران نوجوان جي جسم تي گوليون لڳڻ جي تصديق ڪئي ويئي آهي، جنهن سبب سنڌس موت واقعي ٿيو آهي. ياد رهي ته ڪجهه مهينا اڳ ور شهر لڳ ٻن ڀاڳين کي چورن گوليون هڻي قتل ڪيو هو. گهوڙاٻاري تعلقي سميت پوري ضلعي اندر ڦرءِ چورين سميت ڏوهن جي وارداتون روز جو معمول بڻيل آهن جڏهن ته پوليس وارداتون ڪندڙ ڏوهارين کي پڪڙڻ ۾ بلڪل ناڪام ٿي ويئي آهي جنهن جو سبب ضلعي ۾ نااهل ۽ سفارشي پوليس آفيسرن ۽ ٿاڻن ۽ پوليس چوڪين تي نااهل ايس ايڇ اوز جي مقرري آهي قتل ٿي ويل 28 سالن جي نوجوان روشن جاڙو جي وارثن گهر ڪئي آهي ته فورن نوجوان جي قاتل ڦورن کي گرفتار ڪري نوجوان جي خون سان انصاف ڪري عوام کي تحفظ مهيا ڪيو وڃي

بقايا سنڌيار 40

امداد بوزدار جي اڳوائي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جاري رکي وئي ۽ صحافي برادري سان گڏ سياسي ڪارڪنن قاتلن جي گرفتاري لاءِ سخت نعريبازي ڪئي احتجاج ۾ شامل پريس ڪلب جي صدر آصف ظهير لوڌي ،سيد احقر شاهه، شهزاد تاباڻي، سليم سهتو جلال الدين پيو، مجيب ورند، حسيب شيخ،صلاح الدين سميجو،عبدالغفور شيخ، قاضي ضياء الرحمان، اسحاق ڪوسو، بخش علي ٿليوٽو، بابر ڪوڪر، انس ملڪ، اصغرعلي عباسي، فضل الرحمان قريشي، ناصر جعفري، ابراهيم سومرائي، جي ايم شيخ، سجاد سنجراڻي ، .عقيل قريشي، اسلم دايو سول سوسائٽي جي عطا محمد ڀنو، اعظم منگريو، پاڪستان تحريڪ انصاف جي اميدوارن گوهر ڪوسو، صفيه بلوچ، عزيز ابڙو ۽ ٻين شرڪت ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته 5 مهينن کان وڌيڪ عرصو گذري ويو آهي پر اسان جي ساٿي شهيد جان محمد مهر جي قتل ۾ ملوث ايف آئي آر ۾ نامزد ڪيل جوابدارن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو اهڙي ظلم تي خاموش نه ٿينداسين ۽ نه ئي اسان شهيد جي ڪيس کي سرد خاني حوالي ٿيڻ ڏينداسين، هنن چيو ته سنڌ جي نگران حڪومت ۽ سنڌ پوليس کي به سنجيده قدم نه پئي کڻي جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي، جيستائين قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي خاموش ٿي نه ٿينداسين ان سلسلي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي سنڌ ايڪشن ڪاميٽي پاران احتجاجي تحريڪ تيز ڪندي 19 جنوري تي ملڪ گير احتجاج ۽ 25 جنوري احتجاجي بک هڙتال جو اعلان ڪيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته قاتلن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ تائين جدوجهد جاري رکي ويندي.

بقايا سنڌيار 41

ڳوٺ جنهان سومرو ۾ ملهائي ڪيس سنڌ سان محبت جي اظهار طور ڪيل شاعري تي اديبن شاعرن ڀيٽا پيش ڪئي، خبر موجب بلڙي شاه ڪريم جي ويجهو ڳوٺ جنهان سومرو ۾ ابراهيم منشي يادگار ڪميٽي جي پاران سنڌ جي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره جي تقريب کي جهوني شاعر فنڪار عبدالحفيظ پان خطاب ڪندي چيو ته ابراهيم منشي جي شاعري ۾ انقلاب جو روپ سمايل آهي جنهن ۾ هن سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين ، ظلم زيادتين جي خلاف پنهنجي شاعري ذريعي جهر جهنگ وڃي پنهنجي ٿي گائيڪي ۾ ڳائي پيو انقلاب شاعري سان ڀيٽا ڏيئي سنڌ جي عوام ۾ قومي جذبي کي بيدار ڪيو . سنڌس شاعري سنڌ جي قومي طبقاتي جدوجهد جو عڪس هئي جنهن ۾ هن هاري مزدور شاگرد ۽ هيٺين وچولي طبقي جي شاعري ۾ عڪاسي ڪئي آهي، سنڌ جي قومي وجود جي خلاف ٿيندڙ سازش سان شاعري ذريعي مهاڏو اٽڪايو آهي ، سنڌس شاعري ۾ مزاحمتي جنگ جو هڪ ڏيک نظر آيو جنهن جي ڪري ڪيس شاعري جي ڪري جيل ، قيد ۽ سختين سان مقابلو ڪرڻو پئجي ويو پر هن پنهنجي همت ۽ جذبي سان سنڌ سان پنهنجو محبت وارو اظهار قومي جذبي سان عوام ۾ بيدار ڪيو . سنڌس شاعري کي گڏ ڪرڻ لاءِ آڊيو وڊيو سي ڊيز جي ذريعي سنڌلاجي جي ڪارنر ۾ محفوظ ڪرڻ جو ڪم سرانجام ڏنو آهي پر اڃان به سنڌس شاعري تي جديد ٽيڪنالاجي سان تحقيق ڪرائڻ جو ڪم رهيل آهي جيڪو سنڌس ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل شاعري کي رسالي جي صورت ۾ آڻڻ جي اهم ضرورت آهي . تقريب کي ابراهيم منشي ميموريل يادگار ڪميٽي جي سربراهه طارق ابراهيم منشي مخاطب ٿيندي چيو ته بابا ابراهيم منشي پنهنجي شاعري ۾ سنڌ کي سمائي سنڌ سان عشق جو ناتو نڀايو، سنڌس شاعري سنڌ جي لاڙ اتر ، ڪاڇي ، ٿر ، ڪوهستان جي عوام لاءِ سندن رهڻي ڪهڻي جي عڪس طور عام شاعري جو روپ ڏيئي آساني سان ڪين سمجهڻ جو موقعو فراهم ڪيو . ابراهيم منشي جي شاعري سنڌ جو هڪ لازوال داستان آهي جنهن ۾ سنڌ سان محبت پيار سان گڏ سنڌ جي خلاف ٿيندڙ سنڌ دشمن سازشن سان مزاحمت ڪئي ويئي آهي . سنڌ کي اڄوڪي جديد دور ۾ به ابراهيم منشي جي شاعري جي اهم ضرورت آهي جنهن لاءِ نوجوانن ۾ ابراهيم منشي جي شاعري کي عام ڪرڻ لاءِ نصابي ڪورسن ۾ شامل ڪرڻ ضروري آهي ته جيئن سنڌ جو نوجوان پنهنجي روشن مستقبل جي معمار کي بلند ترين ڪرڻ لاءِ ان مان لاڀ حاصل ڪري سگهي . ابراهيم منشي سنڌ جي ادب ۾ شاعري کي مزاحمت جو روپ ڏيئي سنڌ سان ٿيندڙ ناانصافين خلاف بلند آواز سان پنهنجي شاعري کي ڳائيڪي ۾ آڻي قومي جدوجهد جو هڪ مزاحمتي روپ منظر عام تي آندو . مون کي پنهنجي بابا جي شاعري جي ڪري جيڪا به سنڌ سميت ڏيهه ۽ پرڏيهه ۾ جيڪا به عزت ۽ مان جو مقام ملي ٿو اهو منهنجي بابا جي شاعري جو عظيم سرمايو آهي . تقريب کي شاعر اياز حيدر سومرو خطاب ڪندي چيو ته ابراهيم منشي سنڌ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وڃي سنڌ سان پنهنجو ناتو قومي جذبي سان ملهائي مزاحمتي شاعري جي ذريعي قومي شعور کي مضبوط ڪيو هو سنڌ جو يگانو مزاحمتي شاعر هو . تقريب کي اديب دوست شڪور سومرو خطاب ڪندي چيو ته ابراهيم منشي جي شاعري اڄوڪي جديد دور ۾ سنڌ جي عوام لاءِ پنهنجي روشن مستقبل جي ضمانت آهي سنڌس شاعري ۾ سنڌ سان عشق محبت جو اظهار سمايل آهي ، شاعري ۾ مزاحمتي روپ هن جي عظمت جو بلند معيار آهي . تقريب کي سينئر صحافي غلام نبي ڪيريو، علي حسن رند ، خان عباسي ، اويس ملاح ، ساحل اياز، محمود سومرو ۽ ٻين خطاب ڪندي ابراهيم منشي جي شاعري کي قومي جذبي سان ڀيٽا ڏني . تقريب ۾ سنڌ جي اديبن شاعرن قرارداد ذريعي سنڌ سرڪار جي ثقافت کاتي کان ابراهيم منشي جي شاعري کي نصابي ڪورس ۾ شامل ڪرڻ ۽ سنڌس ڇپيل ، اڻ ڇپيل شاعري کي رسالي جي صورت ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بورڊ طرفان ڇپائڻ جو مطالبو ڪيو ويو. سنڌ جي مزاحمتي شاعر ابراهيم منشي جي 90هين سالگره جو اديبن شاعرن ڪيڪ ڪاٽيو . جنهن کان اڳ سنڌس آخري آرامگاهه تي گلن جي چادر چاڙهي فاتحه خواني ڪئي.

بقايا سنڌيار 42

پريس ڪلب آڏو تحفظ ۽ انصاف لاءِ دانهيندي چيو ته هنن پنهنجي مرضي سان شرعي محمدي موجب عدالتي پرڻو ڪيو آهي پر پرڻي بعد ناري جا والدين پائرءِ ٻيا ڪرڙن ڪيسن ۾ ڦاسائڻ سميت قتل جون ڌمڪيون ٻيا ڏين جنهن سبب زندگين کي خطرو آهي هنن چيف جسٽس سنڌ ها ءِ ڪورٽ، پوليس جي اعلي عملدارن سميت وسوارن کان تحفظ ۽ انصاف جي گهر ڪئي آهي

روزاني سنڌيارکي
نمائندا گهرجن

روزاني سنڌيار
ايڊيٽر اعجاز مهر
ڪراچي
Reg No 2677
ABC Certified
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني سنڌيار کي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار اداري سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671
sindhyarnews@gmail.com